دعائون

مسنون دعائون

سهيڙندڙ ۽ ترجمو

ظفير احمد علي اڪبر

فهرست

ٻه اکر

دعا دراصل دل جي گهراين سان پنهنجي ضرورت (حاجت) کي الله تعالىٰ جي سامهون پيش ڪرڻ جو نالو آهي مطلب ته دعا درد جي دانهن آهي جيڪا پالڻهار تائين پهچائڻي هوندي آهي. اهو ضروري ناهي ته دعا رڳو عربي ۾ گهري وڃي. دعا ڪنهن به زبان ۾ گهري سگهجي ٿي. گهرڻ جو پهريون اصول اهو آهي ته جنهن ڪان ڪا شيءِ گهربي آهي ته پهريان ان جي تعريف ڪبي آهي. ان لاءِ اهو ضروري آهي دعا گهرڻ کان اڳ پهريان پنهنجي رب جي ساراه بيان ڪيو ۽ ان کانپوءِ هن جي سامهون پنهنجي مجبوري بيان ڪري هن کان گهرو ان شاء الله اوهان جي دعا ڪڏهن به رد نه ٿيندي.

نبي ڪريمﷺ جن فرمايو: (ابن ماجه باب دعا 271)

" الله تبارڪ تعالىٰ وٽ دعا کان وڌيڪ ٻي ڪا به شيءِ ڪرم ڪندڙ نه آهي."

نبي ڪريمﷺ جو فرمان آهي:

الدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ (جامع الترمذي 3371)

دعا عبادت جو مرڪز (مغز) آهي

حضرت عبدالله بن عمرؓ کان راويت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: (مستدرڪ حاڪ 1866)

"دعا انهن واقعات ۾ حالتن جي لاءِ فائديمند هوندي آهي جيڪي گذري چڪا آهن ۽ جيڪي اچڻ وارا آهن. ان ڪري الله جا ٻندؤ! دعائن جو خاص اهتمام يا بندوبست ڪيو."

دعائن گهرڻ کان اڳ اسان کي گهرجي الله تعالىٰ جي حڪمن تي عمل ڪيون جيڪي هن اسان کي قرآن جي ذريعي ٻڌايا ۽ نبي ڪريمﷺ جي حديثن جي صورت ۾ اسان وٽ پهتا آهن. سڀ پهرين ڳالهه نماز آهي. نماز پابندي سان پڙهجي. ان ۾ ڪا به غفلت نه ڪجي. نماز پڙهي رڳو فرض پورو ناهي ڪرڻو بلڪ نماز الله تعالىٰ جي رحمت آهي. هو چاهي ٿو ته هن جا سڀ بندا پنج وقت هن وٽ حاضر ٿين ۽ پنهنجو ضرورتون ٻڌائن ته مان انهن جون گهرجون پوريون ڪيان. مان پنهنجي ٻانهن کان پري ناهيان بلڪ انهن جي تمام ويجهو آهيان. الله تعالىٰ فرمائي ٿو :

عَنِّي فَإِنِّي قَرِيبٌ ۖ أُجِيبُ دَعْوَةَ ٱلدَّاعِ إِذَا دَعَانِ ۖ فَلْيَسْتَجِيبُوا لِي (سورت البقرة 186)

مان ته (اوهان جي) بلڪل ويجهو آهيان جڏهن ڪير به مون کي سڏيندو آهي ته مان ان جي سڏ کي ٻڌندو آهيان ۽ هن جي دعا کي قبول ڪندو آهيان.

آهي ڪو ٻيو اهڙو جيڪو پنهنجي رعيت سان ڏينهن ۾ پنج ڀيرا ملي ۽ انهن جا مسئلا نه رڳو ٻڌي بلڪل اهي حل به ڪري سواءِ رب العالمين جي. جڏهن ڪو انسان پنهنجي رب کان نه ٿو گهري يا نماز نه ٿو پڙهي تڏهن به الله تعالىٰ هن جي باري ۾ پڇي ٿو.

يَٰٓأَيُّهَا ٱلْإِنسَٰنُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ ٱلْكَرِيمِ ۝٦ (سورت الانفطار)

اي انسان (منهنجا ٻانها) تو کي ڪهڙي شيءِ پنهنجي رب ڏانهن اچڻ کان روڪي ٿي

الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ منهنجا ٻانها مون ڏانهن اچ تہ مان توکي ڏيان. آخرڪار ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا تو ڪي مون ڏانهن اچڻ کان روڪي ٿي. اهڙي نموني مٿ مائٽ بہ خيال ناهن ڪندا جهڙي نموني الله تعالىٰ ڪري رهيو آهي. هو اسان کان پڇي رهيو آهي تہ ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري تون مون ڏانهن نٿو اچين. اهڙو پيار سواءِ الله تعالىٰ جي ٻيو ڪير ڪري سگهي ٿو. اهڙو خيال سواءِ پالڻهار جي ٻيو ڪري رکي سگهي ٿو. اهڙي پيار ۽ محبت جي باوجود بہ اسان هن ڏانهن نٿا وڃون ۽ هن جي نٿا ٻڌون بلڪ اسان پنهنجي ضرورتن جي لاءِ هن جي مخلوق ڏانهن وڃون ٿا مخلوق جي ٻڌون ٿا. ان ڳالهہ جي خبر هوندي بہ تہ هر شيءِ الله تعالىٰ جي هٿ ۾ آهي. دراصل اها انسان جي جهالت آهي جو مالڪ کان گهرڻ بجاءِ مخلوق کان گهري ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن انسان کي اهو احساس ٿيندو آهي تہ تمام گهڻي وقت کان دعا گهري رهيو آهي پر هن جي دعا قبول نہ پئي ٿي. حقيقت ۾ الله تعالىٰ کي خبر آهي تہ جيڪو هي انسان گهري رهيو اهو هن جي لاءِ ڀلو آهي يا خراب. جيڪڏهن گهريل دعا ان جي فائدي ۾ آهي تہ الله تعالىٰ هن کي عطا ڪندو آهي ۽ جي اها دعا ان انسان جي لاءِ نقصان ڪار آهي تہ الله تعالىٰ هن کي ان جي بدلي ۾ ٻي ڀلائي عطا ڪندو آهي يا هن جي دعا کي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان دعا جي بدلي قيامت جي ڏينهن هن جي گناهن کي معاف ڪري ڇڏيندو، مطلب تہ دعا هر حال ۾ فائدو ڏيندي آهي.

دعا ۽ نماز بہ اهڙيون شيون آهن جنهن سان انسان پنهنجي مهربان پالڻهار سان سڌو سنئون ڳالهائي ٿو وچ ۾ ڪنهن ٽيئن جي ضرورت ناهي پوندي. ان ڪري اسان کي پنهنجي ننڍي کان ننڍي ڪم ۽ وڏي کان وڏي ضرورت لاءِ صرف ۽ صرف الله تعالىٰ کان گهرڻ گهرجي ۽ هر وقت ۽ هر گهڙي گهرڻ گهرجي.

اوهان جي دعائن جو محتاج

ظفير احمد علي اڪبر لغاري

صبح جون دعائون (اذڪار)

هي دعائون فجر جي نماز ڪانپوءِ يا سج ايرڻ کان اڳ پڑهجن ته بهتر آهي يا وڌ ۾ وڌ ظهر جي نماز تائين پڑهجن.

۞ آية الكرسي ۞

اللّهُ لاَ إِلَهَ إِلاَّ هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ لاَ تَأْخُذُهُ سِنَةٌ وَلاَ نَوْمٌ لَّهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الأَرْضِ مَن ذَا الَّذِي يَشْفَعُ عِنْدَهُ إِلاَّ بِإِذْنِهِ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلاَ يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهِ إِلاَّ بِمَا شَاء وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضَ وَلاَ يَؤُودُهُ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيمُ (هڪ ڀيرو پڑهجي) (حصن المسلم 71)

الله تعالىٰ اهو آهي جنهن کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي، جيڪو هميشه زنده آهي جيڪو سڄي ڪائنات کي سنڀاليو بيٺو آهي. جيڪو نه ڪڏهن ننڊاکڙو ٿئي ٿو ۽ نه وري ننڊ ڪري ٿو، زمين ۽ آسمانن ۾ جيڪي ڪجھ آهي سڀ هن جو آهي، ڪير آهي! جيڪو هن جي اڳيان هن جي اجازت کان سواءِ (ڪنهن جي) سفارش ڪري سگهي؟ هن کي سڀني انسانن جي اڳين پوئين حالتن جي خبر آهي. ماڻهون هن جي علم جي ڪا ڳالھ پنهنجي علم جي دائري ۾ نٿا آڻي سگهن سواءِ ان ڳالھ جي جيڪا هو پاڻ (ٻڌائڻ) چاهي. هن جي حڪومت زمين ۽ آسمانن تي پکڙيل آهي ۽ انهن جي سنڀال هن جي لاءِ ڪو ٿڪائيندڙ ڪم ناهي ۽ هو سڀني کان مٿانهون ۽ وڏي وڏائي وارو آهي.

۞ سورة الإخلاص ۞

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَنِ الرَّحِيمِ

قُلْ هُوَ اللَّهُ أَحَدٌ (1) اللَّهُ الصَّمَدُ (2) لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ (3) وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ(4)

(ٽي ڀيرا پڑهجي)

چئي ڇڏ، هو الله سڀني کان الڳ آهي(1) الله ئي اهڙو آهي جنهنجا سڀ محتاج آهن هو ڪنهنجو محتاج ناهي (2) نه هن جو ڪو اولاد آهي ۽ نه وري هو ڪنهنجي اولاد آهي (3) ۽ ڪو به هن جي جوڙ جو ڪونهي(4)

المعوذتين = ٻہ حفاظت ڪندڙ

(هي ٻہ سورتون پڙهي هٿن ڦوڪي هٿن کي پنهنجي جسم تي ڦيري ڇڏڻ سان انسان هر جادو شر کان بچي ويندو.)

۩ سورة الفلق ۩

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَنِ الرَّحِيمِ

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ (1) مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ (2) وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ إِذَا وَقَبَ (3) وَمِنْ شَرِّ النَّفَّاثَاتِ فِي الْعُقَدِ (4) وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ إِذَا حَسَدَ(5)

(ٽي ڀيرا پڙهجي)

اوهان چئو تہ مان صبح جي مالڪ جي پناهہ ونان ٿو(1) هر ان شيءِ جي شر (برائي) کان جيڪا هن پيدا ڪئي آهي (2) ۽ ڪاري رات جي برائي کان جڏهن هو ڇانئجي وڃي ٿي (3) ۽ انهن انسانن جي شر کان جيڪي ڳنڍين ۾ ڦوڪا هڻن ٿا (4) ۽ ساڙولن جي شر کان جڏهن هو ساڙ ڪن ٿا (5)

۩ سورة الناس ۩

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَنِ الرَّحِيمِ

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ (1) مَلِكِ النَّاسِ (2) إِلَهِ النَّاسِ (3) مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ (4) الَّذِي يُوَسْوِسُ فِي صُدُورِ النَّاسِ (5) مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ(6)

(ٽي ڀيرا پڙهجي)

اوهان چئو تہ مان انسانن جي پالڻهار جي پناهہ گهران ٿو(1) انسانن جي بادشاهہ جي (2) سڀني انسانن جي معبود جي (3) ان وسوسا وجهڻ واري شر کان جيڪو (وسوسا وجهي پوءِ) پوئتي لڪي ٿو وڃي (4) جيڪو ماڻهن جي دلين ۾ وهم وجهي ٿو(5) (پوءِ) اهو ڇاهي جنن مان هجي يا انسانن مان هجي(6)

اللَّهُمَّ بِكَ أَصْبَحْنَا، وَبِكَ أَمْسَيْنَا، وَبِكَ نَحْيَا، وَبِكَ نَمُوتُ، وَإِلَيْكَ النُّشُورُ

أبو داود (5068)، النسائي (564)

يا الله! اسان کي اوهان جي ڪرم سان صبح نصيب ٿي ۽ اوهان جي ڪرم سان شام نصيب ٿي ۽ اوهان جي قدرت سان اسان زندهہ آهيون ۽ اسان اوهان جي قدرت سان مرنداسين ۽ اوهان وٽ ئي اٿي اچڻو آهي.

أَصْبَحْنَا وَأَصْبَحَ الْمُلْكُ لِلَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ . رَبِّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَ مَا فِي هَذِا الْيَوم وَخَيْرَ مَا بَعْدَهُ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ هَذِا الْيَوم وَشَرِّ مَا بَعْدَهُ . رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكَسَلِ وَسُوءِ الْكِبَرِ . رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابٍ فِي النَّارِ وَعَذَابٍ فِي الْقَبْرِ

(صحيح مسلم 2723 ۽ جامع الترمذي 3390)

اسان صبح ڪئي ۽ الله جي بادشاهت صبح ڪئي ۽ سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي. الله ڪانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي هو هڪ آهي هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. هن جي ئي بادشاهت آهي ۽ سڀ تعريف هن جي لاءِ آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي. اي منهنجا پالڻهار ! مان هن ڏينهن جي ڀلائي جو اوهان کان سوال ڪريان ٿو ۽ ان ڀلائي جو جيڪا هن کانپوءِ آهي ۽ مان توکان پناه گهران ٿو ان شيءَ جي شر کان جيڪو هن ڏينهن ۾آهي ۽ ان شيءَ جي برائي کان جيڪا هن کانپوءِ آهي . اي منهنجا پالڻهار ! مان سستي ۽ پوڙهائپ جي برائي کان تنهنجي پناه وٺان ٿو. . اي منهنجا پالڻهار ! مان جهنم ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناه گهران ٿو.

سيد الاستغفار دعا

اللَّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي ، لا إِلَه إِلاَّ أَنْتَ خَلَقْتَني وأَنَا عَبْدُكَ ، وأَنَا على عهْدِكَ ووعْدِكَ ما اسْتَطَعْتُ ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ ما صنَعْتُ ، أَبوءُ لَكَ بِنِعْمتِكَ علَيَ ، وأَبُوءُ بذَنْبي فَاغْفِرْ لي ، فَإِنَّهُ لا يغْفِرُ الذُّنُوبِ إِلاَّ أَنْتَ

(بخاري 6306) (جامع ترمذي 3393) (سنن نسائي 5524)

يا الله! تون منهنجو پالڻهار آهين توڪانسواءِ ڪوبه معبود ڪونهي اوهان مون کي خلقيو ڪيو آهي، مان اوهان جو بندو(غلام) آهيان، ۽ مان پنهنجي طاقت مطابق اوهان سان ڪيل عهد ۽ وعدي تي قائم رهندس، مون جيڪي ڪجھ ڪيو ان جي شر کان اوهان جي پناه گهران ٿو ، اوهان مون کي نعمتن سان نوازيو مان ان جو اقرار ڪيان ٿو، مان (اهو بہ) اقرار ڪيان ٿو تہ مون نافرمانيون ۽ گناه ڪيا آهن (انهن گناهن) کي معاف فرما ڇاڪاڻ تہ اوهان ڪانسواءِ ڪو بہ معاف ڪرڻ وارو ڪونهي.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَصْبَحْتُ أُشْهِدُكَ وَأُشْهِدُ حَمَلَةَ عَرْشِكَ ، وَمَلائِكَتَكَ وَجَمِيعَ خَلْقِكَ ، أَنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ لا إِلَهَ إِلا أَنْتَ ، وَحْدَكَ لا شَرِيكَ لَكَ ، وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُولُكَ

(چار ڀيرا پڙهجي) (سنن ابي داود 5078 ۽ 5069)

يا الله! مان هن حالت ۾ صبح ڪئي جو مان اوهان کي گواهه ڪيان ٿو ۽ عرش جي حاملين کي ۽ اوهان جي تمام فرشتن کي ۽ اوهان جي سڀني مخلوق کي گواهه ڪيان ٿو ته بيشڪ اوهان ئي الله آهيو، اوهان ڪانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي، اوهان اڪيلا آهيو اوهان جو ڪو شريڪ ڪونهي ۽ بيشڪ محمد ﷺ اوهان جو بندو ۽ رسول آهي.

اللهُمَّ مَا أَصْبَحَ بِي مِنْ نِعْمَةٍ أَوْ بِأَحَدٍ مِنْ خَلْقِكَ، فَمِنْكَ وَحْدَكَ لَا شَرِيكَ لَكَ، فَلَكَ الْحَمْدُ وَلَكَ الشُّكْرُ (سنن ابي داود 5073)

يا الله! جيڪي به نعمتون مون کي يا تنهنجي ڪنهن به مخلوق کي مليون آهن اهي سڀ صرف توکان مليون آهن ۽ تون اڪيلو آهين تنهنجو ڪو شريڪ ڪونهي، سڀ تعريفون ۽ شڪر تنهنجي لاءِ آهن

اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي، لَا إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الكُفْرِ وَالفَقْرِ، وأَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ القَبْرِ، لا إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ (ٽي ڀيرا پڙهجي) (مشكات المصابيح 2413)

يا الله ! منهنجي جسم کي صحيح رک، يا الله! منهنجي ڪنن کي صحيح رک، يا الله! منهنجي اک کي خيريت سان رک، توکانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي، يا الله! مان ڪفر ۽ محتاجي کان تنهنجي پناهه گهران ٿو ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه گهران ٿو. توکانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي.

حَسْبِيَ اللهُ لاَ إِلَهَ إِلاَّ هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ، وَهُوَ رَبُّ العَرْشِ العَظِيمِ (سنن ابي داود 5081)

(جيڪو بہ صبح ۽ شام جو ست ست ڀيرا هي دعا پڙهندو. الله هن جو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪمن ڪفالت ڪندو)

منهنجي لاءِ الله تعالى ئي ڪافي آهي، هن ڪانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي، هن تي مون ڀروسو ڪيو ۽ هو اعلىٰ عرش جو مالڪ آهي

اللهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ العَفْوَ والعَافيةَ فِي الدُّنْيَا والآخِرَةِ، اللهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ العَفْوَ والعَافيةَ فِي دِيْنِي ودُنْيَاي، وأَهْلِي، ومَالِي، اللهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِي، وآمِنْ رَوْعَاتِي، اللهُمَّ احْفَظْنِي مِنْ بيْنِ يَدَيَّ، ومِنْ خَلْفِي، وعَنْ يَمِينِي، وعَنْ شِمَالِي، ومِنْ فَوْقِي، وأَعُوذُ بِعَظَمَتِكَ أَنْ أُغْتالَ مِنْ تَحْتِي (سنن ابي ماجه 3871 ۽ سنن ابي داود 5074)

يا الله! مان توکان دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت ۽ ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو، يا الله! مان پنهنجي دين، پنهنجي دنيا، پنهنجي خاندان (اولاد) ۽ پنهنجي مال ۾ توکان عافيت ۽ ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو، ياالله! منهنجي عيبن کي ڍڪ، منهنجي گهبراهٽن (پريشانين) کي امن عطا ڪر، يا الله! منهنجي سامهون، پٺيان، ساڄي، کابي پاسي کان ۽مٿان کان حفاظت فرما ۽ ان ڳالهه کان تنهنجي عظمت جي پناهه گهران ٿو ته ڪٿي اوچتو پنهنجي هيٺان ماريو نه وڃان.

اللّهُمَّ عَالِمَ الغَيْبِ والشَّهَادَةِ، فَاطِرَ السَّموَاتِ والأَرْضِ، رَبَّ كُلِّ شَيءٍ ومَلِيْكَهُ، أَشْهَدُ أَنْ لا إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي، وَمِنْ شَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِهِ، وأَنْ أَقْتَرِفَ عَلَى نَفْسِي سُوءاً، أَوْ أَجُرَّهُ إِلَى مُسْلِمٍ (مسند احمد 51،52 ۽ 63)

اي الله! غيب ۽ حاضر کي ڄاڻڻ وارا، آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وارا، هر شيءِ جا پروردگار ۽ مالڪ! مان گواهي ڏيان ٿو ته توکانسواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ڪونهي، مان توکان پناهه گهران ٿو پنهنجي نفس جي شر کان ۽ شيطان جي شر کان ۽ شرڪ کان ۽ ان ڳالهه کان ته مان پنهنجي نفس تي ڪو برائي جو ڪم ڪريان يا ڪنهن مسلمان سان ڪا برائي ڪريان.

(اوچتو ايندڙ ميصبتن کان بچاءُ جي دعا)

بِسْمِ اللَّهِ الَّذِى لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهِ شَىْءٌ فِى الْأَرْضِ وَلَا فِى السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ (ٽي ڀيرا پڙهجي) (مسند احمد 446 جامع الترمذي 3388)

(جنهن به هي دعا صبح جو پڙهي شام تائين هن تي ڪابه مصيبت نه ايندي ۽ جنهن شام جو پڙهي صبح تائين هن تي ڪابه مصيبت نه ايندي.)

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو، جنهن جي نالي سان نه زمين ۽ نه وري آسمان تي ڪا شيءِ نقصان پهچائي سگهي ۽ هو سڀ ٻڌندڙ ۽ سڀ ڄاڻيندڙ آهي

رَضِيتُ بِاللَّهِ رَبّاً وَبِالْإِسْلَامِ دِيناً وَبِمُحَمَّدٍ ﷺ نَبِيّاً (ٽي ڀيرا پڙهجي) (سنن ابي داود 1529)

مان الله جي پالڻهار هجڻ تي، اسلام جي دين هجڻ تي ۽ محمد صلي الله عليه وسيلم جي نبي هجڻ تي راضي آهيان.

يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ بِرَحْـمَتِكَ أَسْتَغِيثُ، أَصْلِحْ لِي شَأْنِي كُلَّهُ، وَلاَ تَكِلْنِي إِلَى نَفْسِي طَرْفَةَ عَيْنٍ (جامع الترمذي 3524)

اي هميشه زنده رهڻ وارا، اي مخلوق کي قائم رکڻ وارا، مان اوهان کان اوهان جي رحمت جي ذريعي مدد گهران ٿو، تون منهنجا حال(ڪم) درست فرما ۽ مون هڪ ڀيرو به اک ڇنڀ لاءِ منهنجي نفس جي حوالي نه ڪجان

أَصْبَـحْـنا وَأَصْبَـحْ المُـلكُ للهِ رَبِّ العـالَمـين ، اللّهُـمَّ إِنِّـي أسْـأَلُـكَ خَـيْرَ هذا الـيَوْم ، فَـتْحَهُ ، وَنَصْـرَهُ ، وَنـورَهُ وَبَـرَكَتَـهُ ، وَهُـداهُ ، وَأَعـوذُ بِـكَ مِـنْ شَـرِّ ما فـيهِ وَشَـرِّ ما بَعْـدَه (حصن المسلم 89)

اسان نئين ڏينهن ۾ داخل ٿيا آهيون ۽ پوري ڪائنات جو مالڪ الله آهي جيڪو سيني دنيائن جو پالڻهار آهي. ياالله!مان توکان سوال ڪريان ٿو اڄ جي ڏينهن جي ڀلائي، ڪاميابي ۽ مدد ۽ نور ۽ برڪت ۽ هدايت جو ۽ توکان پناهه گهران ٿو(هن ڏينهن جي) شر کان، ان شر (برائي) کان جيڪا پوءِ ايندي.

أَصْبَحْنَا عَلَى فِطْرَةِ الإِسْلامِ وعَلَى كَلِمَةِ الإِخْلاصِ وعَلَى دِيْنِ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ ﷺ، وعَلَى مِلَّةِ أَبِينَا إِبْرَاهِيمَ حَنيفاً مُسْلِماً ومَا كَانَ مِنَ الـمُشْرِكِينَ (مصباح المصابيح 2515)

اسان جاڳياسين (صبح ڪئي) اسلام جي طرز تي ۽ پاڪ لفظن تي ۽ پنهنجي نبي محمد ﷺجي دين تي ۽ پنهنجي پيءُ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ملت(قوم) تي، جيڪو هڪ الله تعالى کي مڃيندڙ مسلمان هو ۽ مشرڪن مان نه هو.

سُبْحانَ اللهِ وَبِحَمْدِهِ (سئو ڀيرا پڙهجي) (حصن مسلم 91)

الله جي ذات پاڪ آهي پنهنجي سڄي تعريف سان گڏ

لا إِلَهَ إِلاّ اللهُ وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ المُلْكُ ؛ وَلَهُ الحَمْدُ ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

(ڏهہ ڀيرا پڙهجي) (رياض الصالحين 1411)

الله کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي هو هڪ آهي هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. هن جي لاءِ بادشاهت آهي ۽ سڀ تعريف هن جي لاءِ آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي

سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهِ عَدَدَ خَلْقِهِ وَرِضَا نَفْسِهِ وَزِنَةَ عَرْشِهِ وَمِدَادَ كَلِمَاتِهِ

(ٽي ڀيرا پڙهجي) (سنن ابي داود 1503)

مان الله تعالى جي شان مطابق ان جي پاڪيزگي بيان ڪريان ٿو۽ الله تعالى جي ڪيل ثنا جي مطابق هن جي ثنا بيان ڪريان ٿو، هن جي مخلوق جي ڳڻپ جي برابر ۽ هن جي پنهنجي خوشي جي برابر ۽ هن جي عرش جي برابر ۽ هن جي ڪلمات (لفظن) مس جي برابر

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ عِلْمًا نَافِعًا وَرِزْقًا طَيِّبًا وَعَمَلًا مُتَقَبَّلًا (حصن المسلم 73)

يا الله! مان توکان فائدي وارعلم، پاڪ رزق ۽ قبول ٿيڻ واري عمل جو سوال ڪريان ٿو

أستَغْفِرُ اللّهَ وأتُوبُ إليهِ **(سئو ڀيرا پڙهجي)** (ابن ماجه 2597 ۽ سنن النسائي 4877)

مان الله کان (پنهنجي گناهن جي) معافي گهران ٿو ۽ توبه ڪريان ٿو

اللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى نَبِيِّنَا مُـحَمَّدٍ ﷺ **(ڏهہ ڀيرا پڙهجي)** (حصن المسلم 98)

يا الله ! اسانجي نبي محمد ﷺ تي رحمت ۽ سلامتي نازل فرما

شام جون دعائون (اذڪار)

۩ آية الكرسي ۩ (هڪ ڀيرو پڙهجي)

۩ سورة الإخلاص ۩ (ٽي ڀيرا پڙهجي)

۩ سورة الفلق ۩ (ٽي ڀيرا پڙهجي)

۩ سورة الناس ۩ (ٽي ڀيرا پڙهجي)

أَمْسَيْنَا وَأَمْسَى الْمُلْكُ لِلَّهِ، وَالْحَمْدُ لِلَّهِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ، وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، رَبِّ أَسْأَلُكَ خَيْرَ مَا فِي هَذِهِ اللَّيْلَةِ وَخَيْرَ مَا بَعْدَهَا، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا فِي هَذِهِ اللَّيْلَةِ وَشَرِّ مَا بَعْدَهَا، رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكَسَلِ وَسُوءِ الْكِبَرِ، رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابٍ فِي النَّارِ وَعَذَابٍ فِي الْقَبْرِ

(صحيح مسلم 2723 ۽ جامع الترمذي 3390)

اسان شام ڪئي ۽ سڄي الله جي ڪائنات شام ڪئي ۽ سڀ تعريف الله لاءِ آهي. الله ڪانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي هو هڪ آهي هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. هن جي ئي بادشاهت آهي ۽ سڀ تعريف هن جي لاءِ آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي. اي منهنجا رب ! هن رات جي ڀلائي جو توکان سوال ڪريان ٿو ۽ ان ڀلائي جو جيڪا هن ڪانپوءِ آهي، مان توکان پناه گهران ٿو ان شيءَ جي شر کان جيڪو هن رات ۾آهي ۽ ان شيءَ جي شر کان جيڪو هن ڪانپوءِ آهي . اي منهنجا رب ! مان سستي ۽ پوڙهائپ واري خرابي کان تنهنجي پناه وٺان ٿو. . اي منهنجا رب ! مان جهنم جي عذاب ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناه گهران ٿو.

اللَّهُمَّ بِكَ أَمْسَيْنَا، وَبِكَ أَصْبَحْنَا، وَبِكَ نَحْيَا، وَبِكَ نَمُوتُ، وَإِلَيْكَ الْمَصِيرُ

(ابوداؤد 5068 ۽ الترمذي 3391)

يا الله! اسان ڪي اوهان جي ڪرم سان شام نصيب ٿي ۽ اوهان جي ڪرم سان صبح نصيب ٿي ۽ اوهان جي قدرت سان اسان زنده آهيون ۽ اسان اوهان جي قدرت سان مرنداسين ۽ اوهان وٽ ئي واپس موٽڻو آهي.

اللَّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي ، لا إِلَه إِلاَّ أَنْتَ خَلَقْتَنِي وأَنَا عَبْدُكَ ، وأَنَا على عهْدِكَ ووعْدِكَ ما اسْتَطَعْتُ ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ ما صنَعْتُ ، أَبوءُ لَكَ بِنِعْمتِكَ علَيَ ، وأَبُوءُ بذَنْبي فَاغْفِرْ لي ، فَإِنَّهُ لا يغْفِرُ الذُّنُوبِ إِلاَّ أَنْتَ

(بخاري 6306) (جامع ترمذي 3393) (سنن نسائي 5524)

يا الله! تون منهنجو رب آهين توکانسواءِ کوبه معبود ڪونهي اوهان مون کي خلقيو کيو آهي، مان اوهان جو بندو(غلام) آهيان، ۽ مان پنهنجي طاقت مطابق اوهان سان ڪيل عهد ۽ وعدي تي قائم رهندس، مون جيڪي ڪجھ ڪيو ان جي شر کان اوهان جي پناه گهران ٿو ، اوهان مون کي نعمتن سان نوازيو مان ان جو اقرار ڪيان ٿو، مان (اهو بہ) اقرار ڪيان ٿو تہ مون نافرمانيون ۽ گناه ڪيا آهن (انهن گناهن) کي معاف فرما ڇاڪاڻ تہ اوهان کانسواءِ کو بہ معاف ڪرڻ وارو ڪونهي.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَمْسَيْتُ أُشْهِدُكَ وَأُشْهِدُ حَمَلَةَ عَرْشِكَ ، وَمَلائِكَتَكَ وَجَمِيعَ خَلْقِكَ ، أَنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ لا إِلَهَ إِلا أَنْتَ ، وَحْدَكَ لا شَرِيكَ لَكَ ، وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُولُكَ (چار ڀيرا پڙهجي) (سنن ابي داود 5078 ۽ 5069)

(جيڪو بہ هن دعا کي شام جو چار ڀيرا پڙهندو هو صبح تائين جهنم کان بچيل رهندو)

يا الله! مان هن حالت ۾ شام ڪئي جو مان اوهان کي گواه ڪيان ٿو ۽ عرش کي کڻڻ وارن فرشتن کي ۽ اوهان جي سيني فرشتن کي ۽ اوهان جي سڄي مخلوق کي گواه ڪيان ٿو ته بيشڪ اوهان ئي الله آهيو، اوهان کانسواءِ کو به عبادت جي لائق ڪونهي، اوهان اڪيلا آهيو اوهان جو کو شريڪ ڪونهي ۽ بيشڪ محمد ﷺ اوهان جو بندو ۽ رسول آهي

الله جي نعمتن جي شڪر گذاري جي دعا

اللهُمَّ مَا أَمْسيَ بِي مِنْ نِعْمَةٍ أَوْ بِأَحَدٍ مِنْ خَلْقِكَ، فَمِنْكَ وَحْدَكَ لَا شَرِيكَ لَكَ، فَلَكَ الْحَمْدُ وَلَكَ الشُّكْرُ (ابوداؤد 5073 ۽ الطبراني ڪتاب دعا 307)

يا الله! جيڪي به نعمتون مون کي يا تنهنجي ڪنهن به مخلوق کي مليون آهن اهي سڀ صرف توکان مليون آهن ۽ تون اڪيلو آهين تنهنجو کو شريڪ ڪونهي، سڀ تعريفون ۽ شڪر تنهنجي لاءِ آهن

صحت جي لاءِ دعا

اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي، لَا إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الكُفْرِ وَالفَقْرِ، وأَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ القَبْرِ، لا إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ (ٽي ڀيرا پڙهجي) (مصباح المصابيح 2413)

يا الله ! منهنجي جسم کي صحيح رک، يا الله! منهنجي ڪنن کي صحيح رک، يا الله! منهنجي اک کي خيريت سان رک، توکانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي، يا الله! مان ڪفر ۽ محتاجي کان تنهنجي پناه گهران ٿو ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناه گهران ٿو. توکانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي.

بيوسي جي دعا

جڏهن انسان ڪنهن ڳالهه، مسئلي يا ماڻهون کان بيوس ٿي وڃي تہ هي دعا پڙهي

حَسْبِيَ اللَّهُ لاَ إِلَهَ إِلاَّ هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ (سنن ابي داود 5081)

(جيڪو بہ صبح ۽ شام جو ست ست ڀيرا هي دعا پڙهندو. الله هن جو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪمن ڪفالت ڪندو)

الله تعالى ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي، هن ڪانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي، هن تي مون ڀروسو ڪيو ۽ هو اعلى عرش جو مالڪ آهي

اللهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ العَفْوَ والعَافيةَ في الدُّنْيا والآخِرَةِ، اللهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ العَفْوَ والعَافيةَ في دِيْني ودُنْيَاي، وأَهْلِي، ومَالي، اللهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتي، وآمِنْ رَوْعَاتي، اللهُمَّ احْفَظْني مِنْ بيْنِ يَدَيَّ، ومِنْ خَلْفِي، وعَنْ يَميني، وعَنْ شِمَالي، ومِنْ فَوْقِي، وأَعُوذُ بِعَظَمَتكَ أَنْ أُغْتالَ مِنْ تَحْتِي (سنن ابن ماجه 3871)

يا الله! مان توکان دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت ۽ ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو، يا الله! مان پنهنجي دين، پنهنجي دنيا، پنهنجي خاندان (اولاد) ۽ پنهنجي مال ۾ توکان عافيت ۽ ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو، ياالله! منهنجي عيبن کي ڍڪ، منهنجي گهٻراهٽن (پريشانين) کي امن عطا ڪر، يا الله! منهنجي سامهون، پٺيان، ساڄي، کاٻي پاسي کان ۽ مٿان کان حفاظت فرما ۽ ان ڳالهه کان تنهنجي عظمت جي پناه گهران ٿو ته ڪٿي اوچتو پنهنجي هيٺان ماريو نه وڃان

بِسْمِ اللَّهِ الَّذِي لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهِ شَيْءٌ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ (ٽي ڀيرا پڙهجي) (مسند احمد 446)

(جنهن به هي دعا صبح جو پڙهي شام تائين هن تي ڪابه مصيبت نه ايندي ۽ جنهن شام جو پڙهي صبح تائين هن تي ڪابه مصيبت نه ايندي.)

ان الله جي نالي سان (شروع ڪيان ٿو) جنهن جي نالي سان زمين ۽ آسمان ۾ ڪا به شيءِ نقصان پهچائي نٿي سگهي ۽ هو سڀ ٻڌندڙ ۽ سڀ ڄاڻيدڙ آهي

رَضِيتُ بِاللَّهِ رَبَّاً وَبِالْإِسْلَامِ دِينَاً وَبِمُحَمَّدٍ ﷺ نَبِيَّاً (ٽي ڀيرا پڙهجي)

أحمد (337/4)، والنسائي في ((عمل اليوم والليلة)) برقم (4)، وابن السني برقم (68)، وأبو داود (318/4)، [برقم (5072)]، والترمذي (465/5) [برقم (3389)]، وحسنه ابن باز في ((تحفة الأخيار)) 39

مان الله جي پالڻهاري هجڻ تي، اسلام جي دين هجڻ تي ۽ محمد صلي الله عليه وسيلم جي نبي هجڻ تي راضي آهيان.

يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ بِرَحْـمَتِكَ أَسْتَغِيثُ، أَصْلِحْ لِي شَأْنِي كُلَّهُ، وَلاَ تَكِلْنِي إِلَى نَفْسِي طَرْفَةَ عَيْنٍ (دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي دعا) (حاڪم 545/1)

اي هميشه زنده رهڻ وارا، اي مخلوق کي قائم رکڻ وارا، مان اوهان کان اوهان جي رحمت جي ذريعي مدد گهران ٿو، اوهان منهنجا حال(ڪم) درست فرمايو ۽ مون هڪ ڀيرو به اک ڇنڀ لاءِ منهنجي نفس جي حوالي نه ڪجو

أَمْسَيْنَا وَأَمْسَى المُـلكُ للهِ رَبِّ العـالَمـين ، اللّهُـمَّ إِنِّـي أسْـأَلُـكَ خَـيْرَ هذا اللَّيْلَةِ ، فَـتْحَهُ ، وَنَصْـرَهُ ، وَنـورَهُ وَبَـرَكَتَـهُ ، وَهُـداهُ ، وَأَعـوذُ بِـكَ مِـنْ شَـرِّ ما فـيهِ وَشَـرِّ ما بَعْـدَه (حصن المسلم 89)

شام ٿي چڪي آهي ۽ پوري ڪائنات جو مالڪ الله آهي جيڪو سيني دنيائن جو پالڻهار آهي. ياالله!مان توکان سوال ڪريان ٿو اڄ جي رات جي ڀلائي، ڪاميابي جي ۽ مدد جي ۽ نورجي ۽ برڪت جي ۽ هدايت جي، ۽ توکان پناه گهران ٿو(هن رات جي) شر کان، ان شر (برائي) کان جيڪا پوءِ ايندي

أَمْسَيْنَا عَلَى فِطْرَةِ الإِسْلامِ، وعَلَى كَلِمَةِ الإِخْلاصِ، وعَلَى دِيْنِ نَبيِّنَا مُحَمَّدٍ ﷺ، وعَلَى مِلَّةِ أَبِينَا إِبْرَاهِيمَ، حَنيفاً مُسْلِماً ومَا كَانَ مِنَ الـمُشْرِكِينَ (سنن ابي داود 5068)

اسان شام ڪئي اسلام جي طرز تي ۽ پاڪ لفظن تي ۽ پنهنجي نبي محمد ﷺ جي دين تي ۽ پنهنجي پيءُ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ملت(قوم) تي، جيڪو هڪ الله تعالى کي مڃيندڙ مسلمان هو ۽ مشرکن مان نه هو.

سُبْحانَ اللّهِ وَبِحَمْدِهِ **(سئو ڀيرا پڙهجي)** (جامع الترمذي 3466)

الله جي ذات پاڪ آهي پنهنجي سڄي تعريف سان گڏ

لا إلَهَ إلاّ اللّهُ وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ المُلْكُ ؛ وَلَهُ الحَمْدُ ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ **(ڏهه ڀيرا پڙهجي)** (رياض الصالحين 1411)

الله کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي هو هڪ آهي هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. هن جي لاءِ بادشاهت آهي ۽ سڀ تعريف هن جي لاءِ آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي

أستَغْفِرُ اللّهَ وأتُوبُ إليهِ **(سئو ڀيرا پڙهجي)** (سنن ابن ماجه 3815)

مان الله کان (پنهنجي گناهن جي) معافي گهران ٿو ۽ توبه ڪريان ٿو

أَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ **(ٽي ڀيرا پڙهجي)** (سنن ابن ماجه 3818)

مان الله جي ڪامل ڪلمات (لفظن) سان انهن سڀني شين جي شر (برائي) کان پناه گهران ٿو جيڪي هن (الله) پيدا ڪيون آهن.

اللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى نَبِيِّنَا مُـحَمَّدٍ ﷺ **(ڏهه ڀيرا پڙهجي)** (حصن المسلم 98)

يا الله ! اسانجي نبي محمد ﷺ تي رحمت ۽ سلامتي نازل فرما

سمهڻ وقت جون دعائون (اذڪار)

۩ آية الكرسي ۩ (هڪ ڀيرو پڙهجي)

۩ سورة الإخلاص ۩ (ٽي ڀيرا پڙهجي)

۩ سورة الفلق ۩ (ٽي ڀيرا پڙهجي)

۩ سورة الناس ۩ (ٽي ڀيرا پڙهجي)

ءَامَنَ ٱلرَّسُولُ بِمَآ أُنزِلَ إِلَيْهِ مِن رَّبِّهِۦ وَٱلْمُؤْمِنُونَ ۚ كُلٌّ ءَامَنَ بِٱللَّهِ وَمَلَـٰٓئِكَتِهِۦ وَكُتُبِهِۦ وَرُسُلِهِۦ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ أَحَدٍۢ مِّن رُّسُلِهِۦ ۚ وَقَالُوا۟ سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا ۖ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَإِلَيْكَ ٱلْمَصِيرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ ٱللَّهُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا ٱكْتَسَبَتْ ۗ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ إِن نَّسِينَآ أَوْ أَخْطَأْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ إِصْرًۭا كَمَا حَمَلْتَهُۥ عَلَى ٱلَّذِينَ مِن قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهِۦ ۖ وَٱعْفُ عَنَّا وَٱغْفِرْ لَنَا وَٱرْحَمْنَآ ۚ أَنتَ مَوْلَىٰنَا فَٱنصُرْنَا عَلَى ٱلْقَوْمِ ٱلْكَـٰفِرِينَ ﴿٢٨٦﴾ سورة البقرة (مسلم 1/554 ۽ فتح الباري 9/94)

رسول الله ﷺ تي ايمان آندو ان شيءِ تي جيڪا هن ڏانهن الله تعالىٰ نازل فرمائي ۽ مومنن به ايمان آندو، انهن سيني الله تعالى تي ۽ ان جي فرشتن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ايمان آندو، اسان هن (الله تعالى) جي رسولن ۾ فرق ناهيون ڪندا، انهن چئي ڇڏيو ته اسان ٻڌو ۽ اطاعت ڪئي، اي اسان جا پالڻهار! اسان تو ڪان معافي جا طلبگار آهيون ۽ اسانکي توهان ڏانهن ئي واپس ورڻو آهي (285) الله تعالى ڪنهن به جسم کي ان جي طاقت کان وڌيڪ تڪليف (آزمائش ۾ مبتلا ناهي ڪندو) نه ڏيندو آهي، (انسان) جيڪا ڀلائي (نيڪي) ڪري اها اُنجي (هن جي پنهنجي) لاءِ آهي ۽ جيڪا برائي (گناه) ڪري اها به هن جي پنهنجي لاءِ آهي، اي اسان جا پالڻهار! جي اسان کان وسري ويو هجي يا گناه ڪيو هجي ته اسان کي نه پڪڙجان (سزا نه ڏجان)، اي اسان جا پالڻهار! اسان تي اهو وزن (آزمائش) نه وجھ جيڪا اسان کان پهريان انسانن (قومن) تي وڌو هيئي، اي اسان جا پالڻهار! اسان تي ايترو وزن (آزمائش) نه وجھ جنهن جي ڪٽڻ جي اسان ۾ طاقت نه هجي ۽ اسان کان درگزر (معاف) فرما ! اسان کي بخشي ڇڏ ۽ اسان تي رحم فرما ! صرف تون اسان جو مالڪ آهين، اسان کي ڪافرن جي قوم تي غلبو (فتح، ڪاميابي) عطا فرما (286)

بِاسْمِكَ رَبِّي وَضَعْتُ جَنْبِي، وَبِكَ أَرْفَعُهُ، فَإِنْ أَمْسَكْتَ نَفْسِي فَارْحَمْهَا، وإِنْ أَرْسَلْتَهَا فاحْفَظْهَا، بِمَا تَحْفَظُ بِهِ عِبَادَكَ الصَّالِحِينَ (سنن ابي داود 5050)

اي منهنجا پالڻهار! تنهنجي نالي سان مان پنهنجي (جسم) جو پاسو (بستري تي) رکيو (ننڊ ڪرڻ لاءِ) ۽ تنهنجي ئي نالي سان ان کي سجاڳ ڪندس، جيڪڏهن تون منهنجي ساهه کي روڪي(جي موت ڏئي) ڇڏين ته ان تي رحم فرمائجان ۽ جيڪڏهن تون ان کي ڇڏين(زندگي عطا ڪرين) ته ان جي ائين حفاظت ڪجان جئين تون پنهنجي نيڪ بندن (انسانن) جي حفاظت ڪندو آهين.

اللَّهُمَّ إِنَّكَ خَلَقْتَ نَفْسِي وأَنْتَ تَوَفَّاهَا، لَكَ مَمَاتُهَا وَمَحْيَاهَا، إِنْ أَحْيَيْتَهَا فَاحْفَظْهَا، وَإِنْ أَمَتَّهَا فَاغْفِرْ لَهَا، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ العَافِيَةَ (صحيح مسلم 2712)

يا الله! تو مون کي پيدا ڪيو ۽ تون موت ڏيندين، (منهنجو) جيئڻ ۽ مرڻ صرف تنهنجي لاءِ آهي. جي تون زنده رکين ته حفاظت ڪجان ۽ جي تون مارين ته بخشش ڪجان، يا الله! بيشڪ مان صرف تون کان خير جو طلبگار آهيان.

اللَّهُمَّ قِنِي عَذَابَكَ يَوْمَ تَبْعَثُ عِبَادَكَ **(ٽي ڀيرا پڙهجي)** **ابوداود 331/4، ترمذي 143/3**

يا الله! جنهن ڏينهن تون پنهنجن غلامن کي وري زنده ڪندين ، ان ڏينهن مون کي پنهنجي عذاب کان بچائجان.

اللَّهُمَّ بِاسْمِكَ أَمُوتُ وَأَحْيَا رواه البخاري (6324)، مسلم 4/2083 ۽ فتح الباري 11/113

يا الله ﷻ مان تنهنجي نالي تي مران ٿو ۽ جيئان ٿو

سُبْحَانَ اللَّهِ (ٽيٽيهه ڀيرا) **البخاري مع الفتح (7/71) برقم [(3705)، ومسلم [(4/2091)برقم [(2727)**

الله جي ذات پاڪ آهي

وَالْـحَمْدُ للَّهِ (ٽيٽيهه ڀيرا) البخاري مع الفتح (7/71) برقم [(3705)، ومسلم [(4/2091)برقم [(2727)

۽ سڀ تعريف الله تعالى جي لاءِ آهي

وَاللَّهُ أَكْبَرُ (چوٽيهه ڀيرا) **البخاري مع الفتح (7/71) برقم [(3705)، ومسلم [(4/2091)برقم [(2727)**

۽ الله تعالى سڀني کان وڏو(اعلىٰ) آهي

اللَّهُمَّ رَبَّ السَّمَاوَاتِ السَّبْعِ وَرَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ، رَبَّنَا وَرَبَّ كُلِّ شَيْءٍ، فَالِقَ الْحَبِّ وَالنَّوَى، وَمُنْزِلَ التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ، وَالْفُرْقَانِ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ شَيْءٍ أَنْتَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهِ. اللَّهُمَّ أَنْتَ الأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الآخِرُ فَلَيْسَ بَعْدَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الظَّاهِرُ فَلَيْسَ فَوْقَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الْبَاطِنُ فَلَيْسَ دُونَكَ شَيْءٌ، اقْضِ عَنَّا الدَّيْنَ وَأَغْنِنَا مِنَ الْفَقْرِ (مسلم 4/2084)

يا الله! ستن آسمانن ۽ عرش عظيم جا رب، اسان جا پالڻهار ۽ هر شيءَ جا رب، ٻج ۽ ڪجور جي ڪکڙي کي ڪوليندڙ، تورات ۽ انجيل ۽ قرآن کي نازل ڪندڙ، مان توکان پناه گهران ٿو هر ان شيءَ جي برائي کان اوهان جي پناه گهران ٿو جنهنجي پيشاني اوهان پڪڙي آهي. يا الله! تون پهريان آهين توکان اڳ ڪجھ به نه هو، تون آخر آهين توکان پوءِ ڪجھ به ناهي، تون تمام اعلىٰ (ظاهر) آهين توکان مٿي ڪجھ به نه آهي، تون تمام ويجهو آهين توکان وڌيڪ ويجهو ڪجھ به نه آهي، اسانکي قرضن کا آجو ڪر ۽ فقر (غربت ۽ پريشاني) کان بچاءِ.

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَكَفَانَا وَآوَانَا ، فَكَمْ مِمَّنْ لا كَافِيَ لَهُ وَلا مُؤْوِي (مسلم 2713)

ابوداود 4/317 ، ترمذي 3/142

سڀ تعريف الله تعالى جي لاءِ آهي جنهن اسان کي کارايو، پياريو ۽ اسان لاءِ ڪافي ٿي ويو ۽ اسان کي رهائش ڏني، (نه ته) ڪيترائي اهڙا انسان آهن جنهن جي نه سنڀال لهڻ وارو آهي ۽ نه وري انهن کي ڪو رهائش (اجهو) ڏيڻ وارو آهي

اللَّهُمَّ عالِمَ الغَيبِ وَالشّهادةِ فاطِرَ السّماواتِ وَالأَرْضِ رَبَّ كُلِّ شَيءٍ وَمَليكَه، أَشْهدُ أَنْ لا إِلهَ إِلاّ أَنْت، أَعوذُ بِكَ مِن شَرِّ نَفْسي، وَمِن شَرِّ الشَّيْطانِ وَشِرْكِه، وَأَنْ أَقْتَرِفَ عَلى نَفْسي سوءاً أَوْ أَجُرَّهُ إِلى مُسْلِم الترمذي برقم (3392) ، وأبو داود برقم [(5067)، وانظر: صحيح الترمذي) .(3/142)ق

يا الله! ظاهر ۽ لڪل کي ڄاڻيندڙ ، آسمانن ۽ زمين جا خالق، هر شيءَ جا پالڻهار ۽ حقيقي بادشاه، مان گواهي ڏيان ٿو ته توکانسواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي، مان پنهنجي نفس جي برائي کان ۽ شيطان جي شر ۽ هن جي شرڪ کان (شيطان جي شر ۽ ان جي مددگارن کان) تنهنجي پناه گهران ٿو ۽ ان ڳالھ کان (تنهنجي) پناه گهران ٿو ته پنهنجي نفس تي ڪا بڇڙائي ڪريان يا ڪنهن مسلمان کي ڪو نقصان پهچايان.

اللّٰهُمَّ أَسْلَمْتُ نَفْسِيْ إِلَيْكَ ، وَفَوَّضْتُ أَمْرِيْ، إِلَيْكَ وَوَجَّهْتُ وَجْهِي إِلَيْكَ ، وَأَلجَأْتُ ظَهْرِيْ إِلَيْكَ ، رَغْبَةً وَرَهْبَةً إِلَيْكَ ، لَا مَلْجأَ وَلَا مَنْجٰى مِنْكَ إِلاَّ إِلَيْكَ ، آمَنْتُ بِكِتَابكَ الَّذِيْ أَنْزَلْتَ ، وَبِنَبِيّكَ الَّذِيْ أَرْسَلْتَ

البخاري 6315، ترمذي 3526

يا الله! مان پنهنجي نفس کي اوهان جي تابع ڪيو ۽ پنهنجو ڪم اوهان جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي چهري کي اوهان ڏانهن ڦيري ڇڏيو اوهان ڏانهن مائل ٿيندي ۽ اوهان کان ڊڄندي. نہ اوهان جي عذاب کان بچڻ لاءِ اوهان جي پناه ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ پناه ڪونهي، اوهان جي نازل ڪيل ڪتاب ۽ موڪليل رسول (ﷺ) تي ايمان آندو

۩ سورة الملك ۩

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَنِ الرَّحِيمِ

تَبَارَكَ الَّذِي بِيَدِهِ الْمُلْكُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ (1) الَّذِي خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيَاةَ
لِيَبْلُوَكُمْ أَيُّكُمْ أَحْسَنُ عَمَلًا وَهُوَ الْعَزِيزُ الْغَفُورُ (2) الَّذِي خَلَقَ سَبْعَ سَمَاوَاتٍ طِبَاقًا مَا
تَرَى فِي خَلْقِ الرَّحْمَنِ مِنْ تَفَاوُتٍ فَارْجِعِ الْبَصَرَ هَلْ تَرَى مِنْ فُطُورٍ (3) ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ
كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ إِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَهُوَ حَسِيرٌ (4) وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَاءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيحَ
وَجَعَلْنَاهَا رُجُومًا لِلشَّيَاطِينِ وَأَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيرِ (5) وَلِلَّذِينَ كَفَرُوا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ
جَهَنَّمَ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ (6) إِذَا أُلْقُوا فِيهَا سَمِعُوا لَهَا شَهِيقًا وَهِيَ تَفُورُ (7) تَكَادُ تَمَيَّزُ
مِنَ الْغَيْظِ كُلَّمَا أُلْقِيَ فِيهَا فَوْجٌ سَأَلَهُمْ خَزَنَتُهَا أَلَمْ يَأْتِكُمْ نَذِيرٌ (8) قَالُوا بَلَى قَدْ جَاءَنَا
نَذِيرٌ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللَّهُ مِنْ شَيْءٍ إِنْ أَنْتُمْ إِلَّا فِي ضَلَالٍ كَبِيرٍ (9) وَقَالُوا لَوْ كُنَّا
نَسْمَعُ أَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِي أَصْحَابِ السَّعِيرِ (10) فَاعْتَرَفُوا بِذَنْبِهِمْ فَسُحْقًا لِأَصْحَابِ
السَّعِيرِ (11) إِنَّ الَّذِينَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ كَبِيرٌ (12) وَأَسِرُّوا
قَوْلَكُمْ أَوِ اجْهَرُوا بِهِ إِنَّهُ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ (13) أَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ وَهُوَ اللَّطِيفُ

الْخَبِيرُ (14) هُوَ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ الْأَرْضَ ذَلُولًا فَامْشُوا فِي مَنَاكِبِهَا وَكُلُوا مِنْ رِزْقِهِ
وَإِلَيْهِ النُّشُورُ (15) أَأَمِنْتُمْ مَنْ فِي السَّمَاءِ أَنْ يَخْسِفَ بِكُمُ الْأَرْضَ فَإِذَا هِيَ تَمُورُ (16)
أَمْ أَمِنْتُمْ مَنْ فِي السَّمَاءِ أَنْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا فَسَتَعْلَمُونَ كَيْفَ نَذِيرِ (17) وَلَقَدْ
كَذَّبَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيرِ (18) أَوَلَمْ يَرَوْا إِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صَافَّاتٍ
وَيَقْبِضْنَ مَا يُمْسِكُهُنَّ إِلَّا الرَّحْمَنُ إِنَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ بَصِيرٌ (19) أَمَّنْ هَذَا الَّذِي هُوَ جُنْدٌ
لَكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِنْ دُونِ الرَّحْمَنِ إِنِ الْكَافِرُونَ إِلَّا فِي غُرُورٍ (20) أَمَّنْ هَذَا الَّذِي يَرْزُقُكُمْ
إِنْ أَمْسَكَ رِزْقَهُ بَلْ لَجُّوا فِي عُتُوٍّ وَنُفُورٍ (21) أَفَمَنْ يَمْشِي مُكِبًّا عَلَى وَجْهِهِ أَهْدَى
أَمَّنْ يَمْشِي سَوِيًّا عَلَى صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ (22) قُلْ هُوَ الَّذِي أَنْشَأَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ
وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ قَلِيلًا مَا تَشْكُرُونَ (23) قُلْ هُوَ الَّذِي ذَرَأَكُمْ فِي الْأَرْضِ وَإِلَيْهِ
تُحْشَرُونَ (24) وَيَقُولُونَ مَتَى هَذَا الْوَعْدُ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ (25) قُلْ إِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللَّهِ
وَإِنَّمَا أَنَا نَذِيرٌ مُبِينٌ (26) فَلَمَّا رَأَوْهُ زُلْفَةً سِيئَتْ وُجُوهُ الَّذِينَ كَفَرُوا وَقِيلَ هَذَا الَّذِي
كُنْتُمْ بِهِ تَدَّعُونَ (27) قُلْ أَرَأَيْتُمْ إِنْ أَهْلَكَنِيَ اللَّهُ وَمَنْ مَعِيَ أَوْ رَحِمَنَا فَمَنْ يُجِيرُ
الْكَافِرِينَ مِنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ (28) قُلْ هُوَ الرَّحْمَنُ آمَنَّا بِهِ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا فَسَتَعْلَمُونَ مَنْ هُوَ
فِي ضَلَالٍ مُبِينٍ (29) قُلْ أَرَأَيْتُمْ إِنْ أَصْبَحَ مَاؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَأْتِيكُمْ بِمَاءٍ مَعِينٍ(30)

اهو (الله تعالى) وڏي برڪت وارو آهي جنهنجي هٿ ۾ (ساري ڪائنات جي) بادشاهي آهي ۽ هو هر شيءَ تي قادر آهي(1) جنهن موت ۽ زندگي کي ان لاءِ پيدا ڪيو ته جئين توهان کي آزمائي ته توهان مان سنا ڪم ڪير ٿو ڪري ۽ هو (الله تعالى) غالب ۽ بخش ڪرڻ وارو آهي (2) (الله تعالى اهو آهي) جنهن ستن آسمانن کي هڪ ٻئي مٿان ناهيا (ته اڙي ڏسندڙ) الله ٻاجهاري جي ناهيل (شيءَ) ۾ ڪا خرابي نه ڏسندين، هڪ ڀيرو ٻيهر ڏسي وٺ ڪٿي ڇا ڪٿي ڪو نقص نظر اچئي ٿو(3) پوءِ وري ٻه نظر ڦيرائي ٻه ڀيرا ڏسي وٺ تنهنجي نظر تو ڏانهن ذليل (عاجز) ٿي ٿڪجي موٽي ايندي (توکي ان ۾ ڪا خرابي نظر نه ايندي)(4) بيشڪ دنيا جي آسمان کي ڏيئن (تارن) سان سينگاريو آهي ۽ انهن (تارن) کي شيطانن جي مارڻ جو ذريعو بڻايو آهي ۽ شيطانن جي لاءِ اسان دوزخ جو عذاب تيار ڪيو آهي(5) ۽ پنهنجي رب سان ڪفر ڪرڻ وارن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ اها جاءِ (جهنم) ڪيڏي نه خراب جا آهي (6) جڏهن ان (دوزخ) ۾ اڇلايا ويندا ته ان (دوزخ) جو زوردار آواز ٻڌندا ۽ هو (دوزخ) پئي ٻڙڪندي (7) (ائين محسوس ٿيندو) ته دوزخ ڪاوڙ وچان اجهو ٿي ڦاٽي پوي!، جڏهن به ڪا ٽولي ان (دوزخ) وڏي ويندي ته انهن کان دوزخ جا داروغا پڇندا ته ڇا توهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ ڪو نه آهيو؟ (8) هو جواب ڏيندا ته بيشڪ آيو هو پر اسان هن کي ڪوڙو سمجهيوسين ۽ اسان (هن کي) چيوسين ته الله تعالى ڪجھ به نازل ناهي ڪيو، تون وڏي گمراهي ۾ (پيل) آهين

(9) ۽ چوندا ته جي اسان (پيغمبر) ٻڌون ها ۽ سمجهون ها ته دوزخين ۾ (شامل) نه ٿيون ها (10) بس هنن پنهنجو ڏوهه قبوليو، هاڻي هي دوزخي پري ٿين (11) بيشڪ جيڪي انسان پنهنجي رب کان پرپٺ ڊڄندا رهندا آهن انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي (12) توهان پنهنجي ڳالهين کي لڪايو يا ظاهر ڪريو، هو (الله تعالى) کي ته سينن ۾ لڪل ڳالهين جي به خبر آهي(13) جنهن پيدا ڪيو سو ڪئين نه ڄاڻيندو؟ ۽ هو باريڪ بين ۽ باخبر آهي (14) هو (الله تعالى) جنهن زمين کي اوهان جي حوالي ڪري ڇڏيو ته جئين توهان ان جي رستن تي گهمو ڦرو ۽ الله تعالى جي (ڏنل) رزق مان کائو (پيو) ۽ هن (الله تعالى) ڏانهن (مرڻ کان پوءِ) جيئرو ٿي وڃڻو آهي (15) ڇا توهان کي ان ڳالهه جو ڪو ڊپ ڪونهي ته آسمان وارو توهان کي زمين پوري ڇڏي ۽ اوچتو زمين لڏڻ لڳي (16) ڇا (اوهان) ان ڳالهه کان به بي خوف ٿي ويا آهيو ته آسمان وارو توهان تي (اوچتو) پٿرن جو طوفان موڪلي (حضرت لوط عليه سلام جي قوم وانگر) ؟ پوءِ توهان کي خبر پئجي ويندي ته منهنجو ڊيڄارڻ ڪئين هو(17) ۽ هنن کان اڳ وارن انسانن به (ان ڳالهه کي) ڪوڙ سمجهيو، ڏسو ته انهن تي (مون ڪئين عذاب نازل ڪيو) منهنجو عذاب ڪئين هيو؟(18) ڇا هي پنهنجي مٿان اڏرندڙ پکين کي ناهي ڏٺو؟ انهن کي (الله) رحمان ئي (هوا ۾) جهلي بيٺو آهي، بيشڪ هر شيءِ تي هن جي نظر آهي (19) الله کانسوءِ توهان جو ٻيو ڪهڙو لشڪر آهي جيڪو توهان جي مدد ڪري سگهي ڪافر ته بلڪل ڌوکي ۾ آهن (20) جيڪڏهن الله تعالى پنهنجو رزق (توهان کي ڏيڻ کان) روڪي ڇڏي ته ٻڌايو ٻيو ڪير آهي جيڪو توهان کي رزق ڏيندو؟ پر (ڪافر) سرڪشي ۽ (حق کان) نفرت تي اڙجي پيا آهن (21) جيڪو ماڻهو پنهنجي منهن ڀر هلي اهو وڌيڪ سڌي راهه تي آهي يا اهو جيڪو (پنهنجي پيرن تي) سڌو ٿي رستي تي هلي؟ (22) چئو ته (الله تعالى) اهو آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ توهانجا ڪن، اکيون ۽ دل ناهيا توهان تمام گهٽ (الله جو) شڪر ادا ڪندا آهيو (23) چئو ته (الله تعالى) اهو آهي جنهن توهان کي زمين پکيڙيو ۽ هن جي سامهون ئي (قيامت جي ڏينهن) توهان گڏ ڪيا ويندؤ (24) (ڪافر) پڇن ٿا ته اهو واعدو ڪڏهن پورو ٿيندو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو (ته ٻڌايو؟) (25) (اي پيغمبر) تون چؤ ته ان جي ڄاڻ صرف الله تعالى وٽ آهي، آءٌ ته رڳو صاف صاف آگاهه ڪرڻ وارو آهيان (26) جنهن وقت ان (قيامت جي) وعدي بلڪل ويجهو ڏسندا تنهن وقت انهن ڪافرن جا منهن لهي ويندا ۽ چيو ويندن ته اهو ئي جنهن جي توهان کي گهرج هئي (27) (اي پيغبر! انهن کي) چؤ ته جيڪڏهن مون کي ۽ منهنجي ساٿين کي الله تعالى ختم ڪري ڇڏي يا اسان تي رحم ڪري (هر صورت ۾ اهو ته ٻڌايو) ڪافرن کي درد ناڪ عذاب کان ڪير بچائيندو؟ (28) توهان چؤ ! ته اهو (الله) ٻاجهارو آهي اسان ته هن (الله تعالى) تي ايمان آندو آهي ۽ صرف ان تي اسان جو ڀروسو آهي، توهان کي جلدي خبر پئجي ويندي ته وڏي گمراهي ۾ ڪير آهي؟ (29)) توهان چؤ ! ته چڱو اهيو ٻڌايو ته جيڪڏهن توهان جو (پيئڻ وارو) پاڻي زمين ۾هيٺ هليو وڃي ته ڪري آهي جيڪو توهان جي لاءِ صاف وهندڙ پاڻي آڻيندو ؟(30)

ننڊ مان اٿڻ کانپوءِ جون دعائون

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَحْيَانَا بَعْدَ مَا أَمَاتَنَا وَإِلَيْهِ النُّشُورُ (صحيح البخاري 6312)

سڀ تعريفون الله ﷻ جي لاءِ آهن جنهن اسانکي مارڻ کانپوءِ (ننڊ کانپوءِ) زنده ڪيو ۽ (اسانکي آخرڪار) هن وٽ حاضر ٿيڻو آهي

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي عَافَانِي فِي جَسَدِي، وَرَدَّ عَلَيَّ رُوحِي، وَأَذِنَ لِي بِذِكْرِهِ (جامع الترمذي،3401)

سڀ تعريفون الله ﷻ جي لاءِ آهن، جنهن مونکي جسماني عافيت نصيب فرمائي، ۽ منهنجي روح مونکي واپس ڪئي، ۽ مونکي پنهنجي ياد جي اجازت ڏني

ننڊ ۾ ڊڄڻ جي دعا

جيڪڏهن انسان ننڊ ۾ ڊڄي اٿي پوي تہ هي دعا پڙهي

أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّةِ مِنْ غَضَبِهِ وَعِقَابِهِ وَشَرِّ عِبَادِهِ وَمِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِينِ وَأَنْ يَحْضُرُونِ (جامع الترمذي 3528)

مان الله جي لفظن جي پوري پناهہ وٺان ٿو الله تعالىٰ جي ڪاوڙ کان، هنن ٻانهن جي شر کان ۽ شيطانن جي وسوسن کان ۽ انهن (وسوسن) جي اچڻ کان.

سج ايرڻ وقت جي دعا

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَقَالَنَا يَوْمَنَا هَذَا وَلَمْ يُهْلِكْنَا بِذُنُوبِنَا (مُسْلِمْ 822)

سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جنهن اسان کي معاف فرمايو اڄوڪي ڏينهن لاءِ ۽ جنهن اسان کي فنا نہ ڪيو اسان جي گناهن جي ڪري.

غسلخاني ۽ بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْخُبْثِ وَالْخَبائِث (مشكات المصابيح 337، بخاري 6322)

ياالله! مان اوهان کان پناهہ ٿو گهران خبيث (جنن) ۽ خبيث (جنڻين) جي (شر جي) کان

غسلخاني ۽ بيت الخلا مان نڪرڻ جي دعا

غُفْرَانَكَ (أبو داود، 30)

(يا الله ﷻ! مان) تنهنجي بخشش (چاهيان ٿو)

ٽٽ، ڦوس ۽ ڪاڪوس (پائخانو) ڪرڻ جي دعا

اللّهُمّ إني أَسْأَلُكَ خَيْرَهَا وَأَعُوذُ بك مِنْ شَرّهِا (أبو داود 326/4 ، ابن ماجه 1228/2)

يا الله! مان توکان هن جي خير جو سوال ڪريان ٿو ۽ هن جي برائي (شر) کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو

متي چڙهڻ جي دعا (ڏاڪڻ،جبل يا چاڙهي تي چڙهڻ)

اللّٰهُ أَكبَرَ

الله عظيم (سڀ کان وڏو) آهي

هيٺ لهڻ جي دعا (ڏاڪڻ،جبل يا چاڙهي تان لهڻ)

سُبُحانَ اللّٰهِ

الله (پنهنجي خوبين ۽ تعريفن سميت)پاڪ آهي

وضو ڪرڻ کان اڳ جي دعا

بِسْمِ اللَّهِ (أبو داود، رقم 101، وابن ماجه، رقم 397، وأحمد، رقم 9418، ۽ ڏسو إرواء الغليل 122/1)

الله ﷻ جي نالي سان

وضو جي دوران (وچ) جي دعا

اللَّهمَّ اغفِرْ لي ذَنْبي، ووسِّعْ لي في داري، وبارِكْ لي في رِزقي

(النسائي سنن الكبرا 9908 ۽ ابن السني 20)

يا الله! منهنجي گناهن کي بخش ۽ منهنجي گهر ۾ وسعت عطا ڪر ۽ رزق ۾ برڪت عطا ڪر.

وضو ختم ڪرڻ کانپوءِ جي دعائون

أَشْهَدُ أَنْ لاَ إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ وَحْدَهُ لاَ شَرِيكَ لَهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ (مسلم، 1/ 209، رقم 234)

مان شاهدي ڏيان ٿو ته الله ﷻ اڪيلي ڪانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي ۽ هن جو ڪوبه شريڪ ڪونهي ۽مان گواهي ٿو ڏيان ته (حضرت) محمد ﷺ هنجو (الله ﷻ جو) ٻانهو (عبد) ۽ هنجو (الله ﷻ جو) رسول آهي

اللَّهُمَّ اجْعَلْنِي مِنَ التَّوَّابِينَ وَاجْعَلْنِي مِنَ الْمُتَطَهِّرِينَ (بلاغ المرام 57 ۽ جامع الترمذي 55)

يا الله ﷻ! مونکي توبھ ڪرڻ وارن مان ڪر ۽ مونکي پاڪ صاف رهندڙ وارن مان ڪر

مسجد ڏانهن ويڄڻ جي دعا

اللَّهُمَّ اجْعَلْ فِي قَلْبِي نُوراً، وَفِي لِسَانِي نُوراً، وَفِي سَمْعِي نُوراً،

يا الله ﷻ! منهنجي دل ۾ نور پيدا ڪري، ۽ زبان ۾ پڻ نور ، ۽ منهنجي ڪنن ۾ پڻ نور

وَفِي بَصَرِي نُوراً، وَمِنْ فَوْقِي نُوراً، وَمِنْ تَحْتِي نُوراً، وَعَنْ يَمِينِي نُوراً،

۽ منهنجي نظر ۾ پڻ نور ۽ منهنجي مٿان پڻ نور ۽ منهنجي هيٺان پڻ نور ۽ منهنجي ساڄي پاسي پڻ نور

وَعَنْ شِمَالِي نُوراً، وَمِنْ أَمَامِي نُوراً، وَمِنْ خَلْفِي نُوراً،

۽ منهنجي کابي پاسي پڻ نور ۽ ۽ منهنجي اڳيان پڻ نور ۽ ۽ منهنجي پٺيان پڻ نور

وَاجْعَلْ فِي نَفْسِي نُوراً، وَأَعْظِمْ لِي نُوراً، وَعَظِّم لِي نُوراً،

۽ پيدا ڪر منهنجي نفس ۾ نور ۽ مونکي گهڻو نور عطا ڪر ۽ مونکي تمام گهڻو نور عطا ڪر

وَاجْعَلْ لِي نُوراً، وَاجْعَلْنِي نُوراً، اللَّهُمَّ أَعْطِنِي نُوراً،

۽ منهنجي لاءِ (هر پاسي) نور ڪري ڇڏ ۽ مونکي (مجسم) نور بنا ، يا الله ﷻ! مونکي نور عطا ڪر

وَاجْعَلْ فِي عَصَبِي نُوراً، وَفِي لَحْمِي نُوراً، وَفِي دَمِي نُوراً،

۽ منهنجي نس ۾ نور پيدا ڪري ، ۽ منهنجي گوشت ۾ پيدا ڪر ۽ منهنجي رت ۾ نور پيدا ڪر

وَفِي شَعْرِي نُوراً، وَفِي بَشَرِي نُوراً، اللَّهُمَّ اجْعَلْ لِي نُوراً

۽ منهنجي وارن ۾ پڻ نور پيدا ڪر ۽ منهنجي چمڙي ۾ پڻ نور پيدا ڪر، يا الله ﷻ! ۽ منهنجي لاءِ نور پيدا ڪر

فِي قَبْرِي وَنُوراً فِي عِظَامِي وَزِدْنِي نُوراً، وَزِدْنِي نُوراً

منهنجي قبر ۾ ۽ منهنجي هڏين ڪي نور ڪر ، ۽ منهنجي لاءِ گهڻو نور ڪر ، ۽ منهنجي لاءِ گهڻو نور ڪر

وَزِدْنِي نُوراً ، وَهَبْ لِي نُوراً عَلَى نُورٍ

۽ منهنجي لاءِ گهڻو نور ڪر، ۽ موکي نور تي نور عطا ڪر (حصن المسلم 19)

مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي دعا

أَعُوذُ بِاللَّهِ العَظِيمِ، وَبِوَجْهِهِ الْكَرِيمِ، وَسُلْطَانِهِ الْقَدِيمِ، مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ، بِسْمِ اللَّهِ، وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ، اللَّهُمَّ افْتَحْ لِي أَبْوَابَ رَحْمَتِكَ (حصن المسلم 20) (مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت پهريان ساڄو پير اندر داخل ڪجي)

مان پناه ۾ ٿو اچان عظمت واري الله ﷻ! جي ۽ هنجي ڪريم صورت (چهري) ۽ هنجي قديم سلطنت جي، شيطان مردود کان، الله ﷻ جي نالي سان (داخل ٿيان ٿو) ، ۽ صلات ۽ سلام رسول الله ﷺ تي، يا الله ﷻ! مون تي پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ.

مسجد مان نڪرڻ جي دعا

بِسْمِ اللَّهِ وَالصّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ، اللَّهُمَّ اعْصِمْنِي مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ (أبو داود، رقم 466، صحيح الجامع، رقم 4591 ، رواه ابن السني، رقم 88 ، أبو داود، 1/ 126، برقم 465) (مسجد مان نڪرڻ وقت پهريان کاٻو پير ٻاهر ڪجي)

الله ﷻ! جي نالي سان (ٻاهر نڪران ٿو) ۽ صلات ۽ سلام رسول الله ﷺ تي، اي الله ﷻ! يقينن مان توکان تهنجو فضل گهران ٿو، اي الله ﷻ! مونکي شيطان مردود کان بچا.

اذان ٻڌڻ جي دعا

اذان ۽ اقامت ٻڌي ساڳيا ئي لفظ ورجايو سواءِ

حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ	۽	حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ
نماز جي طرف اچو		ڀلائي جي طرف اچو

جي جواب ۾ چوڻ گهرجي

لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ (البخاري، 1/ 152، برقم 611، ورقم 613، ومسلم، 1/ 288، برقم 383)

الله ﷻ جي توفيق کانسواءِ نه برائي کان بچڻ جي همت آهي نه نيڪي ڪرڻ جي طاقت آهي

اذان ختم ٿيڻ کانپوءِ جي دعا

جيئن اذان ختم ٿئي ته پهريان نبي ڪريم ﷺ تي درود پڙهجي ۽ ان کانپوءِ هي دعا پڙهجي

اللَّهُمَّ رَبَّ هَذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ، وَالصَّلاَةِ الْقَائِمَةِ، آتِ مُحَمَّداً الْوَسِيلَةَ وَالْفَضِيلَةَ، وَابْعَثْهُ مَقَاماً مَحمُوداً الَّذِي وَعَدْتَهُ، إِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيعَادَ

(مسلم، 1/ 288، رقم 384، البخاري، 1/ 152، برقم 614)

يا الله ﷻ! هن مڪمل سڏ (اذان) ۽ هن قائم ٿيڻ واري نماز جا رب ! (حضرت) محمد ﷺ کي وسيلة (جنت ۾ تمام اعلى مقام) عطا فرما ۽ خاص فضليت (وڏي عزت، مان مرتبو) ۽ هن کي ان مقام محمود (تمام گهڻي تعريف واري جاءِ جنت ۾) فائز فرما ، جنهن جو اوهان هن سان واعدو ڪيو آهي ، يقينن تون واعدي خلافي ناهين ڪندو.

نماز شروع ڪرڻ جون دعائون

هي دعائون تڪبيرة الإحرام يعني الله اڪبر چوڻ کانپوءِ ۽ سورت فاتح پڙهڻ کان اڳ ۾ پڙهڻ گهرجن

سُبْحانَكَ اللَّهُمَّ وَبِحَمْدِكَ، وَتَبارَكَ اسْمُكَ، وَتَعَالَى جَدُّكَ، وَلاَ إِلَهَ غَيْرُكَ

(مسلم، رقم 399، أبو داود، رقم 775، الترمذي، برقم 243، ابن ماجه، رقم 806، النسائي، رقم 899، صحيح الترمذي ،77/1،صحيح ابن ماجه، 135/1.)

اي الله ﷻ! مان تنهنجي پاڪيزگي ۽ تعريف (حمد) بيان ڪريان ٿو ۽ بابرڪت آهي تنهجو نالو ۽ تهنجي وڏي شان آهي ۽ توکانسواءِ ڪو به معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي.

اللَّهُمَّ بَاعِدْ بَيْنِي وَبَيْنَ خَطَايَايَ كَمَا بَاعَدْتَ بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ، اللَّهُمَّ نَقِّنِي مِنْ خَطَايَايَ كَمَا يُنَقَّى الثَّوْبُ الْأَبْيَضُ مِنَ الدَّنَسِ، اللَّهُمَّ اغْسِلْنِي مِنْ خَطَايَايَ، بِالثَّلْجِ وَالْمَاءِ وَالْبَرَدِ (البخاري، 1/ 181، رقم 744، ومسلم، 1/ 419، رقم 598)

يا الله ﷻ! منهنجي ۽ منهنجي گناهن جي وچ ۾ ويڇو (دوري) پيدا فرما، جيئن تو اولهه ۽ اوڀر جي وچ ۾ دوري پيدا ڪئي آهي . يا الله ﷻ! مون کي منهنجن گناهن کان پاڪ فرما ائين جيئن اڇي ڪپڙي کي مير کان صاف ڪبو آهي. يا الله ﷻ! مون کي ڌوئي ڇڏ منهنجي گناهن کان برف، پاڻي ۽ ڳڙي سان

ركوع جي دعا

سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيمِ (سنن النسائي 1133) (گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهي)

پاڪ آهي منهنجو پالڻهار

ركوع كان اٿڻ کانپوءِ جون دعائون

ركوع كان اٿڻ کانپوءِ هن ٽن دعائن مان ڪا به پڙهي سگهجي ٿي يا ٽئي پڙهي سگهجن ٿيون.

سَمِعَ اللهُ لِمَنْ حَمِدَه (جامع الترمذي 267)

الله تبارڪ وتعالىٰ ان شخص جي (تعريف) ٻڌي وري (۽ قبول ڪئي) جنهن ان تعريف ڪيءَ

اللَّهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْدُ (صحيح البخاري 795)

يا الله! اي اسان جا پالڻهار! سڀ تعريف تنهنجي لاءِ آهي

رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْدُ حَمْدًا كَثِيرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيهِ (مشكات المصابيح 877)

اي اسان جا پالڻهار! تنهنجي لاءِ ئي تمام گهڻيون، پاڪ ۽ مبارڪ تعريفون آهن

سجدي جو دعائون

سُبْحانَ رَبِّيَ الأَعْلىٰ (سنن النسائي 1133) (گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهجي)

منهنجو پالڻهار پاڪ آهي جيڪو سڀني كان بلند آهي

اللّهُمَّ إِنِّي أَعوذُ بِرِضاكَ مِنْ سَخَطِك وَبِمعافاتِكَ مِنْ عُقوبَتِك وَأَعوذُ بِكَ مِنْك لا أُحْصي ثَناءً عَلَيْك أَنْتَ كَما أَثْنَيْتَ عَلى نَفْسِك

(مشكات المصابيح 1276)

يا الله! بيشڪ مان اوهان جي راضپي جي اوهان جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي کان ۽ اوهان جي معافي جي اوهان جي سزا ۽ عذاب کان پناهه گهران ٿو ۽ مان اوهان جي (ڪاوڙ) کان اوهان جي پناهه گهران ٿو. مان اوهان جي تعريف جو حق ادا نٿو ڪري سگهان. اوهان اهڙائي آهيو جهڙي اوهان پنهنجي پاڻ تعريف بيان ڪئي آهي.

سُبْـحانَكَ اللّهُـمَّ رَبَّـنا وَبِحَـمْدِكَ اللّهُـمَّ اغْفِرْ لي (سنن النسائي 1123)

تون هر شيءِ کان پاڪ آهين، يا الله! اي منهنجا پالڻهار! سڀ تعريفون تنهنجي لاءِ آهن، يا الله مون معاف فرما

تلاوت جي سجدي جي دعا

سَجَدَ وَجْهِي لِلَّذِي خَلَقَهُ وَشَقَّ سَمْعَهُ وَبَصَرَهُ بِحَوْلِهِ وَقُوَّتِهِ (جامع الترمذي 3425)

منهنجي چهري ان (پالڻهار) کي سجدو ڪيو جنهن هن کي پيدا ڪيو ۽ ان جا ڪن ۽ اکيون کوليون پنهنجي طاقت ۽ قوت سان.

ٻن سجدن (جلسة) جي وچ واري دعا

رَبِّ اغْفِرْ لِي رَبِّ اغْفِرْ لِي (سنن النسائي 1069)

منهنجا رب منهنجي بخشش فرما، منهنجا رب منهنجي بخشش فرما

اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي وَارْحَمْنِي وَاهْدِنِي وَعَافِنِي وَارْزُقْنِي (مشكات المصابيح 900)

يا الله! منهنجي بخشش فرما ۽ مون تي رحم فرما ۽مون کي هدايتي عطا فرما ۽ مون کي خيرت عطا فرما ۽ مون کي رزق عطا فرما.

تشهد جون دعائون

وچين تشهد ۾ رڳو هي دعا پڙهجي پر آخري تشهد ۾ هن سان گڏ ٻيون هيٺيون دعائون پڙهجن

التَّحِيَّاتُ لِلَّهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ، السَّلاَمُ عَلَيْكَ أَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللَّهِ وَبَرَكَاتُهُ، السَّلاَمُ عَلَيْنَا وَعَلَى عِبَادِ اللَّهِ الصَّالِحِينَ، أَشْهَدُ أَنْ لاَ إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ (سنن ابي داؤد 971)

سڀ تحيات، عبادتون ۽ ڪوششون ۽ سٺيون ڳالهيون الله تعالىٰ جي لاءِ آهن ۽ اي نبي(ﷺ)! اوهان تي سلامتي هجي، الله تعالىٰ جون رحمتون ۽ هن جون برڪتون (اوهانﷺ) نازل ٿين. اسان تي ۽ الله تعالىٰ جي سيني پلارن انسانن تي سلامتي هجي. مان شاهدي ڏيان ٿو ته الله تعالىٰ کانسواءِ ڪو به معبود ڪونهي ۽ گواهي ڏيان ٿو ته محمدﷺ الله جو عبد ۽ رسول آهي.

(ان کانپوءِ درود ابراهيمي پڙهجي)

اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَىٰ مُحَمَّدٍ وَعَلَىٰ آلِ مُحَمَّدٍ ❁ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ وَعَلَىٰ آلِ إِبْرَاهِيمَ ❁ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ ❁ اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَىٰ مُحَمَّدٍ وَعَلَىٰ آلِ مُحَمَّدٍ ❁ كَمَا بَارَكْتَ عَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ وَعَلَىٰ آلِ إِبْرَاهِيمَ ❁ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ ❁

(صحيح البخاري 4797)

يا الله! محمد(ﷺ) ۽ محمد(ﷺ) خاندا تي رحمتون نازل فرما جهڙي طرح اوهان ابراهيمؑ ۽ ان جي خاندان تي رحمتون نازل فرمايون آهن بيشڪ سڀ واکاڻ ۽ بزرگي اوهان جي لاءِ آهي. يا الله! محمد(ﷺ) ۽ محمد(ﷺ) خاندا تي برڪتون نازل فرما جهڙي نمونبي اوهان ابراهيمؑ ۽ ان جي خاندان تي برڪتون نازل فرمايون آهن بيشڪ سڀ واکاڻ ۽ اُتمتا اوهان جي لاءِ آهي.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ، وَمِنْ عَذَابِ النَّارِ، وَمِنْ فِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ، وَمِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيحِ الدَّجَّالِ (صحيح البخاري 6376)

يا الله! مان اوهان کان قبر جي عذاب ۽ دوزخ جي عذاب ۽ زندگي ۽ موت جي آزمائش ۽ ڪاڻي دجال جي فتني کان پناه گهران ٿو.

اللّهُـمَّ إِنِّـي ظَلَـمْتُ نَفْسـي ظُلْمـاً كَثـيراً وَلا يَغْـفِرُ الذُّنـوبَ إِلاّ أَنْت، فَاغْـفِر لي مَغْـفِرَةً مِنْ عِنْـدِك وَارْحَمْـني، إِنَّكَ أَنْتَ الغَـفورُ الرَّحيم

(صحيح البخاري 7387 ۽ 7388)

يا الله! مون پاڻ تي ڏاڍو ظلم ڪيو آهي اوهان کانسواءِ ڪو بہ گناهن کي بخشڻ وارو ڪونهي، بس منهنجي گناهن کي بخش. بيشڪ اوهان تمام گهڻو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهيو.

قنوت جي دعا

اَللَّهُمَّ إنا نَسْتَعِينُكَ وَنَسْتَغْفِرُكَ وَنُؤْمِنُ بِكَ وَنَتَوَكَّلُ عَلَيْكَ وَنُثْنِىءْ عَلَيْكَ الخَيْرَ وَنَشْكُرُكَ وَلَا نَكْفُرُكَ وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ تَّفْجُرُكَ اَللَّهُمَّ إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَلَكَ نُصَلِّىءَ وَنَسْجُدُ وَإِلَيْكَ نَسْعأىءُ وَنَحْفِدُ وَنَرْجُو رَحْمَتَكَ وَنَخْشآىءُ عَذَابَكَ إِنَّ عَذَابَكَ بِالكُفَّارِ مُلْحَقٌ (صحيح ابن خزيمة 1100)

يا الله، اسان اوهان کان مدد گهرون ٿا ۽ اوهان جي بخشش جي گهرج آهي ۽ اوهان تي ايمان آڻيون ٿا ۽ اوهان تي يقين رکون ٿا ۽ اوهان جي بهترين تعريف ڪيون ٿا ۽ اوهان جو شڪر ادا ڪريون ٿا ۽ اوهان جي ناشڪري نٿا ڪيون ۽ اسان ان شخص سان تعلق ٽروڙيون ٿا جيڪو اوهان جي نافرماني ڪري ٿو. يا الله! اسان صرف اوهان جي عبادت ڪريون ۽ اوهان جي لاءِ ئي نماز پڙهون ٿا ۽سجدو ڪيون ٿا. اوهان ڏانهن ئي ڊوڙون ٿا ۽ اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيون ۽ اسان کي اوهان جي رحمت جو آسرو آهي ۽ اوهان جي عذاب کان ڊڄون ٿا، اوهان جو عذاب ڪافرن کي ملڻ وارو آهي.

قنوتِ نازلہ جي دعا

اللَّهُمَّ اهْدِنِي فِيمَنْ هَدَيْتَ وَعَافِنِي فِيمَنْ عَافَيْتَ وَتَوَلَّنِي فِيمَنْ تَوَلَّيْتَ وَبَارِكْ لِي فِيمَا أَعْطَيْتَ وَقِنِي شَرَّ مَا قَضَيْتَ فَإِنَّكَ تَقْضِي وَلاَ يُقْضَى عَلَيْكَ وَإِنَّهُ لاَ يَذِلُّ مَنْ وَالَيْتَ تَبَارَكْتَ رَبَّنَا وَتَعَالَيْتَ (جامع الترمذي 464)

يا الله! جنهن کي اوهان سڌو رستو ڏيکاريو آهي انهن سان گڏ مون کي بہ سڌي واٽ لڳا ۽ جنهن کي اوهان عافيت عطا ڪئي آهي انهن سان گڏ مون کي بہ عافيت عطا ڪر ۽ جنهن جو تون ڪارساز ٿئين انهن سان گڏ منهنجو بہ ڪارساز ٿي ۽ جيڪي مون کي نعمتون عطا ڪيون اٿئي انهن ۾ برڪت ڏي ۽ جيڪو فيصلو اوهان ڪر چڪا آهين ان جي شر کان مون کي بچا (تہ ڪٿي مان ان فيصلي تي راضي نہ ٿيان ۽ متان بي صبري ڪيان) ڇاڪاڻ تہ صرف اوهان ئي فيصلو ڪندڙ آهيو ۽ اوهان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ فيصلو ڪندڙ ڪونهي، جنهن جي ڪم کي اوهان ناهيواهو ڪڏهن بہ خوار نٿو ٿي سگهي ۽ جنهنجا اوهان مخالف هجو اهو ڪڏهن بہ عزت ماڻي نٿو سگهي ۽ اي منهنجا پالڻهار! اوهان برڪت وارا آهيو ۽ تمام اعلىٰ ۽ اُتاهان آهيو.

فرض نماز ڪانپوءِ جون دعائون

حضرت ثوبانؓ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فرض نماز پڙهڻ ڪانپوءِ ٽي ڀيرا استغفر الله چوندو هوندو ۽ ان ڪانپوءِ هي دعا پڙهندو هو.

اللَّهُمَّ أَنْتَ السَّلاَمُ وَمِنْكَ السَّلاَمُ تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلاَلِ وَالإِكْرَامِ (سنن ابي داود 1512)

يا الله! اوهان سلامتي وارا آهيو ۽ اوهان جي ڪري سلامتي آهي، اوهان بابرڪت آهيو ۽ اي وڏائي ۽ اڪرام وارا!

حديث ۾ آهي تہ جيڪو بہ 33 ڀيرا سُبْحَانَ اللَّهِ ۽ 33 ڀيرا الْحَمْدُ لِلَّهِ 33 ڀيرا اللَّهُ أَكْبَرُ ۽ ان ڪانپوءِ چوٿون ڪلمو پڙهندو تہ الله ان جا سڀ گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو پوءِ ڇاهي سمنڊ جي جهڳ جي برابر ڇو نہ هجن.

لا إِلَهَ إِلاَّ اللهُ وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ المُلْكُ ؛ وَلَهُ الحَمْدُ ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

(ڏهه پيرا پڙهجي) (رياض الصالحين 1411)

الله ڪانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي هو هڪ آهي هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. هن جي لاءِ بادشاهت آهي ۽ سڀ تعريف هن جي لاءِ آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي

لاَ إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ وَلاَ نَعْبُدُ إِلاَّ إِيَّاهُ لَهُ النِّعْمَةُ وَلَهُ الْفَضْلُ وَلَهُ الثَّنَاءُ الْحَسَنُ لاَ إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ (سنن النسائي 1340)

الله ڪانسواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي، ۽ اسان هن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهنجي بہ عبادت ناهيون ڪندا، سڀ نعمتون هن جون آهن ۽ هن جي لاءِ سڀ فضل آهي ۽ سڀ ڀليون ساراهون هن ڪي سونهن، الله ڪانسواءِ ڪو بہ عباد جي قابل ڪونهي ,اسين سندس ايمان ۽ عقيدت ۾ مخلص آهيون جيتوڻيڪ ڪافر ان ڪي ناپسند ڪن ٿا.

اَللّٰهُمَّ لَا مَانِعَ لِمَا أَعْطَيْتَ ، وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ ، وَلَا يَنْفَعُ ذَا الْجَدِّ مِنْكَ الْجَدُّ (سنن النسائي 1342)

يا الله! جيڪو اوهان عطا ڪيو ان ڪي ڪو روڪڻ وارو ڪونهي ۽ جيڪو اوهان روڪيو ان ڪي ڪو ڏيڻ وارو ڪونهي ۽ ڪنهن جو دولتمند ٿيڻ (اوهان جي پڪڙ جي مقابلي ۾) ڪو بہ فائدو نہ ڏيندو.

اللَّهُمَّ أَعِنِّي عَلَى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ (سنن ابي داود 1522)

ياالله! منهنجي مدد ڪر تہ جيئن مان تنهنجو ذڪر ۽ شڪريان ۽ تنهنجي چڱين طرح عباد ڪريان.

ان ڪانپوءِ آيت الڪرسي پڙهي.

سورت الاخلاص هڪ ڀيرو

سورت الفلق هڪ ڀيرو

سورت الناس هڪ ڀيرو

مريض جي عيادت جي دعا

لاَ بَأْسَ طَهُورٌ إِنْ شَاءَ اللَّهُ (صحيح البخاري 3616)

گهبرائڻ جي ضرورت ناهي انشاء الله هي بيماري (تنهنجي) جسماني ۽ روحاني

ميراڻ کي پاڪ ڪرڻ واري آهي.

(نبي ڪريمﷺ جو فرمان آهي: ” جڏهن ڪو ماڻهون اهڙي ماڻهون جي عيادت ڪري جنهنجي موت جو وقت اجا نہ آيو هجي ۽ هو ست ڀيرا هي دعا ان مريض لاءِ پڙهي تہ الله تعالىٰ هن مريض کي صحتياب ڪندو“)

أَسْأَلُ اللَّهَ الْعَظِيمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ أَنْ يَشْفِيَكَ (سنن ابي داود 3106) (ست ڀيرا پڙهجي)

مان عظيم الله کان جيڪو عرش عظيم جو مالڪ دعا ڪريان ٿو هو توکي صحت عطا ڪري.

(مريض جي جسم تي پنهنجو ساڄو هٿ ڦيرائيندا وڃو ۽ هي دعا پڙهو)

اللَّهُمَّ رَبَّ النَّاسِ أَذْهِبِ الْبَاسَ، اشْفِهِ وَأَنْتَ الشَّافِي، لاَ شِفَاءَ إِلاَّ شِفَاؤُكَ، شِفَاءً لاَ يُغَادِرُ سَقَمًا (صحيح البخاري 5743)

اي انسان جا پالڻهار! تڪليف کي ختم فرما ۽ هن بيمار کي صحت عطا فرما ۽ اوهان ئي شفا ڏيندڙ آهيو، اوهان جي شفا کانسواءِ ڪا بي شفا ڪانهي، اهڙي شفا عطا ڪري جو ڪا بہ بيماري باقي نہ رهي.

اللَّهُمّ يَا حَلِيمُ , يَا كَرِيمُ , اشْفِ فُلَانًا (حصن حصين 380) (فلانا جي جاءِ تي مريض جو نالو وٺو)

تحمل وارا! ڪرم ڪرڻ وارا! اوهان فلاڻي(مريض جو نالو) کي صحت عطا فرما

بيماري ۾ پڙهڻ جو دعائون

(حديث ۾ آهي تہ جنهن مسلمان بہ بيماري جي حالت ۾ 40 ڀيرا هي دعا پڙهي ڇڏي ۽ ان بيماري ۾ جي وفات ٿي وئي تہ هن کي شهيد جو اجر ملندو ۽ جي صحتياب ٿي ويو تہ هن جا سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا. هي حضرت يونسؑ جي دعا آهي)

لاَ إِلَهَ إِلاّ أَنْتَ سُبْحَانَكَ إِنِّي كُنْتُ مِنَ الظّالِمِينَ (سورت الانبياء 87) (مستدرڪ الحاڪم 1917)

اوهان کانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي اوهان پاڪ آهيو، بيشڪ مان ئي گنهگار آهيان

(حضرت ايوبؑ جي دعا جيڪا هن بيماري ۾ گهري هئي ۽ الله تعالىٰ هن شفا عطا ڪئي هئي)

أَنِّي مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَأَنتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ (سورت الانبياء 87)

مون کي بيماري لڳي وئي ۽ اوهان سڀني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا آهيو.

جسماني سور (درد) تڪليف جي دعا

جسم جي جنهن به حصي ۾ سور هجي ان جاءِ تي هٿ رکي هي دعا پڙهجي

بِسْمِ اللَّهِ (ٽي ڀيرا) أَعُوذُ بِعِزَّةِ اللَّهِ وَقُدْرَتِهِ مِنْ شَرِّ مَا أَجِدُ وَأُحَاذِرُ (ست ڀيرا) (سنن ابن ماجہ 3522)

الله جي نالي سان شروع، مان الله تعالىٰ ۽ ان جي قدرت جي پناهه وٺان ٿو هن تڪليف کان جيڪا ٿي رهي آهي ۽ جنهن کان مان ڊڄان ٿو.

مرض جي شدت ۽ زندگي کان بيزاري جي وقت جي دعا

نبي ڪريم ﷺ جني فرمايو : بيماري جي شددت ۾ انسان ڪيتري به تڪليف هجي ته هو موت جي خواهش نه ڪري بلڪي هي دعا پڙهي.

اللَّهُمَّ أَحْيِنِي مَا كَانَتِ الْحَيَاةُ خَيْرًا لِي، وَتَوَفَّنِي إِذَا كَانَتِ الْوَفَاةُ خَيْرًا لِي (صحيح البخاري 6351)

يا الله! جيڪڏهن منهنجي لاءِ حياتي بهتر آهي ته مون کي زندگي ڏي ۽ جيڪڏهن موت بهتر آهي ته موت ڏي.

پيشاب بند ٿي وڃي ۽ پٿري جي لاءِ دعا

رَبُّنَا اللَّهُ الَّذِي فِي السَّمَاءِ تَقَدَّسَ اسْمُكَ أَمْرُكَ فِي السَّمَاءِ وَالأَرْضِ كَمَا رَحْمَتُكَ فِي السَّمَاءِ فَاجْعَلْ رَحْمَتَكَ فِي الأَرْضِ اغْفِرْ لَنَا حُوبَنَا وَخَطَايَانَا أَنْتَ رَبُّ الطَّيِّبِينَ أَنْزِلْ رَحْمَةً مِنْ رَحْمَتِكَ وَشِفَاءً مِنْ شِفَائِكَ عَلَى هَذَا الْوَجَعِ فَيَبْرَأُ (سنن ابي داود 3892)

اسان جو پالڻهار اهو الله آهي جيڪو آسمان تي آهي (اي منهنجا پالڻهار) تنهنجو نالو پاڪ آهي،اوهان جو حڪم آسمان ۽ زمين تي هڪجهڙو هلي ٿو، اوهان جي رحمت جهڙي آسمان تي آهي اهڙي زمين تي آهي، اسان جي گناهن ۽ ڪوتاهين کي معاف فرما، اوهان پاڪ ماڻهن جا پالڻهار آهيو، هن بيماري تي اوهان پنهنجي رحمت جي خزاني مان رحمت ۽ شفا جي خزاني شفا نازل فرما (ته جيئن هي بيماري ختم ٿي وڃي).

ڦرڙي، پت يا جسم تي زخم جي لاءِ دعا

(پنهنجي شهادت جي آڱري کي زمين تي رکي هي دعا پڙهندي پنهنجي آڱر کي مٽي کڻي ۽ پوءِ جنهن بہ جاءِ تي ڦرڙي، ڦٽ، پت يا زخم هجي ان جاءِ اها آڱر رکي هي دعا ست ڀيرا پڙهي. اهو عمل ڀتي ڏينهن ڪري تہ ان شاء الله صحتياب ٿي ويندو)

بِسْمِ اللَّهِ بِتُرْبَةِ أَرْضِنَا بِرِيقَةِ بَعْضِنَا لِيُشْفَى سَقِيمُنَا بِإِذْنِ رَبِّنَا (سنن ابن ماجہ 3521)

الله جي نالي سان اسان جي زمين جي مٽي جيڪا اسان مان ڪنهن هڪ ماڻهو جي ٿڪ سان (مِليل آهي)، اسان جي رب جي حڪم اسان جي بيماري ختم ٿي وڃي.

نبي ڪريمﷺ صندل آڱر تي رکي ڦرڙي واري جائي تي آڱر رکي هي دعا پڙهي.

اللَّهُمَّ مُصغِّرَ الْكَبِيرِ وَ مُكَبِّرَ الصَّغِيرِ مَا بِي (ابن السني 640)

يا الله! ننڍي کي وڏو ڪرڻ وارا ۽ وڏي کي ننڍو ڪرڻ وارا، جيڪا مون کي آهي ان کي ننڍو ڪر.

بخار جي وقت جي دعا

بِسْمِ اللَّهِ الْكَبِيرِ أَعُوذُ بِاللَّهِ الْعَظِيمِ مِنْ شَرِّ كُلِّ عِرْقٍ نَعَّارٍ وَمِنْ شَرِّ حَرِّ النَّارِ (جامع الترمذي 2075)

اعلىٰ الله جي نالي سان مان پناه وٺان ٿو عظيم الله جي هر ٿهڪندڙ رڳ جي شر کان ۽ جهنم جي باه تاءُ کان.

هٿ ۽ پير سُن ٿيڻ وقت جو عمل

جڏهن هٿ يا پير سن ٿي وڃن تہ الله جو نالو ڏاڍي محبت سان وٺي پوءِ درود پاڪ پڙهجي.

وات جي هر تڪليف جي دعا

وات جي ڪهڙي بہ تڪليف هجي. هن دورو پاڪ کي بار بار پڙهندا رهو. وات جي هر تڪليف بلڪل ختم ٿي ويندي هن درود کي پنهنجي روزاني جي زندگي جو معمول بنائي ڇڏيندؤ تہ ڪڏهن بہ وات جي ڪا بيماري نہ ٿيندي)

اللَّهُمَّ صَلِّ وسَلِّمْ عَلَى ا لنّبِيِّ الطّاهِرِ

يا الله! پاڪ نبي تي رحمت ۽ سلامتي نازل فرما

اک جي تڪليف يا نظر جي ڪمزوري جي دعا

اللَّهُمَّ مَتِّعْنِي بِبَصَرِي وَاجْعَلْهُ الْوَارِثَ مِنِّي وَأَرِنِي فِي الْعَدُوِّ ثَأْرِي وَانْصُرْنِي عَلَى مَنْ ظَلَمَنِي

(ابن سني 170)

يا الله! مون کي منهنجي نظر مان فائدو ڏي ۽ ان کي منهنجي موت تائين محفوظ رک ۽ مون کي منهنجي دشمنن تي طاقت ڏي ۽ منهنجي انهن خلاف مدد ڪر جيڪي مون تي ظلم ڪن ٿا

(جنهن جي نظر ڪمزور هجي. هن درود کي فجر جي نماز کانپوءِ 66 ڀيرا پاڙهي دم ڪري ان پاڻي کي پنهنجي اکين تي ملي ۽ اهڙي نموني سمهڻ کان اڳ به اهو عمل ڪري. 40 ڏينهن تائين اهو عمل ڪندو رهي.)

اللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ الَّذِىْ مَا زَاغَ ٱلْبَصَرُ وَمَا طَغَىٰ

يا الله! درود و سلام هجن اسان جي آقا محمدﷺ تي جن جي نظر مبارڪ الله جي ديدار وقت نه ڦري ٿي ۽ نه حد کان وڌي.

بدقسمتي (نياڳ) کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ جَهْدِ البَلَاءِ، وَدَرَكِ الشَّقَاءِ، وَسُوءِ القَضَاءِ، وَشَمَاتَةِ الْأَعْدَاءِ (بخاري 6616)

يا الله! مون کي آزمائشن جي تڪليف ۽ نياڳ جي پڪڙ کان ۽ دشمنن جي ٺٺول کان ۽ تقدير جي فيصلن تي دل ۾ ڪا تنگي پيدا ٿئي(انهن سڀني کان مون کي) پنهنجي پناهه ۾ رکجان

نعمتن جي گهٽجڻ کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ زَوَالِ نِعْمَتِكَ وَتَحَوُّلِ عَافِيَتِكَ وَفُجَاءَةِ نِقْمَتِكَ وَجَمِيعِ سَخَطِكَ (صحيح المسلم 2739)

يا الله! مان اوهان جي نعمتن ڦرجڻ کان ۽ اوهان جي ڏنل خيرت جي موٽي وڃڻ کان ۽ اوهان جي اوچتي عذاب کان ۽ اوهان جي ڪاوڙ کان اوهان جي پناهه گهران ٿو.

ماني کائڻ جون دعائون

بِسْمِ اللَّهِ

الله جي نالي سان شروع

بِسْمِ اللَّهِ وَعَلَى بَرَكَةِ اللَّهِ

مان الله ﷻ جي نالي ۽ الله ﷻ جي برڪت سان (ماني/کاڌو) شروع ڪيو

ماني کائڻ کان اڳ ۾ جي بسم الله پڙهڻ وسري وڃي ته هي دعا پڙهجي

بِسْمِ اللَّهِ أَوَّلِهِ وَآخِرِهِ

الله ﷻ جي نالي سان شروع ڪيان ٿو اڳ ۾ ۽ آخر ۾

ماني کائي ختم ڪرڻ کانپوءِ جون دعائون

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مِنَ الْمُسْلِمِينَ (أبو داود 3850)

سڀ تعريفون الله ﷻ جي لاءِ جنهن اسانکي کائڻ ۽ پيئڻ لاءِ ڏنو ۽ اسانکي مسلمانن ۾ (پيدا) ڪيو

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي هُوَ أَشْبَعَنَا وَأَرْوَانَا وَأَنْعَمَ عَلَيْنَا وَأَفْضَلَ

سڀ تعريفون الله ﷻ جي لاءِ جنهن اسانکي ڪارايو ۽ اسانجي اڃ اجهائي، اسان تي پنهنجي نعمت نازل ڪئي ۽ اسانکي گهڻو عطا ڪيو

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَطْعَمَنِي هَذَا الطَّعَامَ وَرَزَقَنِيهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّي وَلَا قُوَّةٍ

سڀ تعريفون الله ﷻ جي لاءِ جنهن اسانکي هي کاڌو عطا ڪيو بغير منهنجي طاقت ۽ ڪوشش جي.

اللَّهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَأَطْعِمْنَا خَيْرًا مِنْهُ (سنن ابن ماجہ 3322)

يا الله ﷻ هن طعام ۾ برڪت عطا فرما ۽ هن کان وڌيڪ سٺو عطا ڪجان

رزق جي لاءِ دعائون

نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ " جيڪو رزق ۾ برڪت ۽ عمر ۾ واڌارو چاهي تہ هو پنهنجي مائٽن سان سهڻو سلوڪ ڪري. (رياض الصالحين 319)

ربِّ إِنِّي لِمَا أَنْزَلْتَ إِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيرٌ (سورت القصص آيت 24)

اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مان ان خير جو محتاج آهيان جيڪو تون مون تي نازل فرمائين

اللَّهُمَّ اكْفِنِي بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَأَغْنِنِي بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

(مصباح المصابيح 2449، جامع الترمذي 3563)

يا الله! پنهنجي حلال شين کي منهنجي لاءِ ڪافي ڪري ڇڏ ۽ حرام کان بچاءَ ۽ پنهنجي ڪرم سان مون کي پاڻ کانسواءِ باقي هر ڪنهن کان بي نياز ڪري ڇڏ.

پهرين تاريخ جو چنڊ ڏسڻ جي دعا

اللَّهُمَّ أَهِلَّهُ علَيْنَا بِالأَمْنِ والإِيمَانِ، وَالسَّلامَةِ والإِسْلامِ، رَبِّي ورَبُّكَ اللَّه، هِلالُ رُشْدٍ وخَيْرٍ (رياض الصالحين 1228)

يا الله! اسان کي امن ۽ سلامتي ۽ اسلام جو چنڊ ڏيکار ۽ اي چنڊ! تنهنجو منهنجو پالڻهار الله تعالىٰ آهي. هي چنڊ هدايت ۽ ڀلائي آڻيندڙ هجي.

روزو رکڻ جي نيت

ٻين عبادتن جيان روزي جي نيت ڪرڻ بہ ضروري آهي. نيت دراصل دل جي ارادي جو نالو آهي. دل ۾ روزي رکڻ جي ارداو ڪرڻ نيت آهي ۽ ان جي لاءِ زبان سان نيت ڪرڻ ضروري ناهي. پر جيڪڏهن ڪو زبان سان نيت ڪرڻ چاهي تہ هو ڪري سگهي ٿو. هو چئي تہ "مان رمضان جي هن روزي جي نيت ڪيان ٿو" ۽ عربي ۾ ان جي معنىٰ هي آهي:

وَبِصَوْمِ غَدٍ نَّوَيْتَ مِنْ شَهْرِ رَمَضَانَ

روزو کولڻ جي دعا

معاذ بن زهرةؓ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ روزي کولڻ وقت هي دعا پڙهندو هو (هي ڪمزور حديث آهي جيڪا امام السيوطي پنهنجي ڪتاب جامع الصغير جي صفحي 6570 تي بيان ڪئي آهي)

اللَّهُمَّ لَكَ صُمْتُ وَعَلَى رِزْقِكَ أَفْطَرْتُ

يا الله! مون اوهان لاءِ روزو رکيو ۽ اوهان جي ڏنل رزق تي کوليو.

روزو کولڻ کانپوءِ جي دعا

ابن عمرؓ بيان ڪيو تہ نبي ڪريمﷺ افطار کانپوءِ هي دعا پڙهندو هو (ابي داود 2357)

ذَهَبَ الظَّمَأُ وَابْتَلَّتِ الْعُرُوقُ وَثَبَتَ الْأَجْرُ إِنْ شَاءَ اللّٰهُ

اڄ ختم ٿي وئي، رڳون تر ٿي ويون ۽ انشاء الله اجر لک جي ويو.

رمضان مهيني جون دعائون

(رمضان ۾ هي دعا گهڻي کان گهڻي گهرو)

اللَّهُمَّ إِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعَفُ عَنِّي (مصباح المصابيح 2091)

يا الله! اوهان معاف ڪرڻ وارا آهيو ۽ معافي پسند ڪرڻ وارا آهيو بس مون کي بہ معاف فرما

(رمضان جي آخري روزن جي دعا)

اَللّٰهمّ لاَ تَجْعَلْهُ آخِرَ العَهدِ مِنْ صِيامِنا إِيَّاهُ فَإِنْ جَعَلْتَهُ فَاجْعَلْنِي مَرْحُوماً وَلاَ تَجْعَلْنِي مَحْرُوماً

يا الله! رمضان جي هن مهيني جي روزن کي منهنجي لاءِ آخري روزا نہ ڪجان پر جيڪڏهن تون ائين ڪرين تہ مون کي رحم ڪيلن ۾ شمار ڪجان ۽ پنهنجي رحمت کان محروم نہ ڪجان.

نڇ (ڇڪ) اچڻ تي هي دعا پڙهجي

الْحَمْدُ لِلّٰهِ (بخاري 7/125)

شڪر ۽ سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن

نڇ (ڇڪ) جو آواز ٻڌڻ وارو هي دعا پڙهي

(نڇ ڏيڻ وارو جڏهن الحمد للّٰہ چوي ته پوءِ هي دعا پڙهجي)

يَرْحَمُكَ اللَّهُ (بخاري، مشڪات شريف 405)

الله اوهان تي رحم فرمائي

ڪپڙا پائڻ جي دعا

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي كَسَانِي هَذَا (الثَّوْبَ) وَرَزَقَنِيهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّي وَلاَ قُوَّة

(أبو داود، برقم 4023، والترمذي، برقم 3458، وابن ماجه، برقم 3285)

سڀ تعريفون الله ﷻ جي لاءِ آهن جنهن مونکي هي (لباس) پارايو ۽ هن مونکي منهنجي پنهنجي قوت ۽ طاقت کان (هي) بغير عطا ڪيو.

نوان ڪپڙا پائڻ جي دعا

اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ أَنْتَ كَسَوْتَنِيهِ، أَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِهِ وَخَيْرِ مَا صُنِعَ لَهُ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهِ وَشَرِّ مَا صُنِعَ لَهُ (أبو داود 4020 ۽ الترمذي، 1767)

يا الله ﷻ تنهنجي لاءِ ئي سڀ تعريفون آهن توئي مونکي هي پارايو، مان هن (لباس) جي ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو ۽ ان ڪم جي ڀلائي جو جنهن لاءِ هي(لباس) ٺاهيو ويو آهي ۽ مان توکان پناهه گهران ٿو هن (لباس) جي شر کان ۽ ان ڪم جي شر کان جنهنجي لاءِ هي ٺاهيو ويو آهي.

نوان ڪپڙا پائڻ واري جي لاءِ دعائون

تُبْلِي وَيُخْلِفُ اللَّهُ تَعَالَى (أبو داود، 4/ 41، برقم 4020، وانظر: صحيح أبي داود 760/2)

تون هن کي هنڊائي پراڻو ڪر ۽ الله ﷻ (توکي) هن جي بدلي ۾ ٻيو ڏئي

اِلْبَسْ جَدِيداً وَعِشْ حَمِيداً وَمُتْ شَهِيداً (ابن ماجه، 2/ 1178، برقم 3558، والبغوي، 41/12، وانظر: صحيح ابن ماجه، 275/2)

نوان ڪپڙا پاءِ ۽ قابل تعريف زندگي گذار ۽ شهادت جي توکي موت نصيب ٿئي

ڪپڙا لاهڻ جي دعا

بِسْمِ اللَّهِ

(الترمذي، 2/ 505، برقم 606، وغيره، وانظر: إرواء الغليل، برقم 50، وصحيح الجامع، 203/3)

الله ﷻ جي نالي سان شروع

طوفان جي اچڻ وقت جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَهَا وَخَيْرَ مَا فِيهَا وَخَيْرَ مَا أُرْسِلَتْ بِهِ ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهَا وَشَرِّ مَا فِيهَا وَشَرِّ مَا أُرْسِلَتْ بِهِ (مسلم 1502)

يا الله! مان توکان هن جي ڀلائي جو ۽ هن ۾ موجود شيءِ جي ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو ۽ ان شيءِ جي ڀلائي جو جنهن سان هي موڪلي وئي آهي ۽ مان تنهنجي پناهه وٺان ٿو هن جي برائي کان ۽ ان شيءِ جي برائي کا جيڪا هن ۾موجود آهي ۽ ان شيءِ جي برائي کان جنهن سان هي موڪلي وئي آهي

ڪنوڻ لڳڻ ۽ گوڙ ٻڌڻ وقت جي دعا

سُبْحَانَ الَّذِي يُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهِ وَالْمَلَائِكَةُ مِنْ خِيفَتِهِ (موطا 992/2)

پاڪ آهي اها ذات جو گوڙ هن جي تعريف سان گڏ تسبيح پڙهندي آهي ۽ ملائڪ هن جي ڊپ کان تسبيح پڙهندا آهن

برسات جي لاءِ دعا (دعا الاستسقاء)

اللَّهُمَّ اسْقِنَا غَيْثًا مُغِيثًا ، مَرِيئًا ، مَرِيعًا ، نَافِعًا ، غَيْرَ ضَارٍّ ، عَاجِلًا ، غَيْرَ آجِلٍ (ابوداو 303/1، 616/1)

يا الله! تون اسان کي اهڙي برسات عطا ڪر جيڪا مددگار، خوشگوار، ساوڪ ڪرڻ واري (۽) فائدي واري هجي. نقصان واري نه هجي، جلدي پوي، دير سان نه پوي

برسات پوڻ وقت جي دعا

اللّٰهُمّ صَيِّبًا نَافِعًا (بخاري مع الفتح 518/2)

يا الله! هن برسات کي فائديمند ڪر

مُطِرْنَا بِفَضْلِ اللهِ وَرَحْمَتِهِ (بخاري 205/1، مسلم 83/1)

اسان کي الله جي فضل ۽ هن جي رحمت سان برسات عطا ٿي

دعا جي قبوليت جي دعا

(الله تعالىٰ کان ڪجهه بہ گهرڻ کان اڳ جي هي دعا پڙهبي تہ الله تعالىٰ هن جي دعا ضرور قبول فرمائيندو.)

لاَ إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ وَحْدَهُ لاَ شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، سُبْحَانَ اللَّهِ، وَالْحَمْدُ للَّهِ، وَلاَ إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ، وَاللَّهُ أَكبَرُ، وَلاَ حَوْلَ وَلاَ قُوّةَ إِلاَّ بِاللَّهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيمِ، رَبِّ اغْفرْ لِي (البخاري مع الفتح، 3/ 39، برقم 1154، وغيره، واللفظ لابن ماجه، انظر: صحيح ابن ماجه، 335/2)

اللهﷻ کانسواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ڪونهي، هو اڪيلو آهي هن جو ڪو بہ شريڪ ڪونهي، هنجي لاءِ ئي بادشاهت آهي ۽ سڀ تعريفون هن جي لاءِ آهن، ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي، اللهﷻ پاڪ آهي، ۽ سڀ تعريفون الله ﷻ جي لاءِ آهن، ۽ اللهﷻ کانسواءِ ڪوبه عبادت جي لائڪ ڪونهي ۽اللهﷻ سيني کان وڏو(اعلىٰ) آهي ۽ (برائي کان بچڻ جي) همت آهي نه وري (نيڪي ڪرڻ جي) طاقت سواءِ اعلىٰ ۽ عظمت واري (اللهﷻ) جي توفيق جي، اي منهنجا پالڻهار! مونکي معاف فرما.

(نبي ڪريمﷺ جن فرمايو تہ جيڪو بہ هي دعا پڙهي پوءِ الله تعالىٰ کان گهرندو. الله تعالىٰ ان جي دعا ضرور قبول فرمائيندو ۽ هن کي عطا ڪندو)

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ أَنِّي أَشْهَدُ أَنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ لاَ إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ الأَحَدُ الصَّمَدُ الَّذِي لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ (سنن ابي داود 1493)

يا الله! مان اوهان کان ان وسيلي جي ذريعي گهران تہ: مان شاهدي ڏيان ٿو تہ اوهان کانسواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ڪونهي، اوهان ڪو مٽ ۽ ثاني ڪونهي ۽ الصمد (جنهن کي ڪنهنجي بہ ضرورت نہ هجي پر سيني کي هن جي ضرورت هجي) آهيو جنهن نہ ڄڻيو آهي ۽ نہ وري هو ڄڻيو ويو آهي ۽ اوهان جهڙو ڪو بہ ناهي.

(نبي ڪريم ﷺ هي دعا تمام گهڻي گهرندا هئا)

رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِي الآخِرَةِ حَسَنَةً وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ (صحيح مسلم 2690)

يا الله! مون کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي عطا فرما ۽ آخرت کي عذاب کان بچا.

توبہ ۽ استغفار جون دعائون

جيڪو بہ گهڻي کان گهڻو استغفار پابندي سان ڪندو الله تبارڪ وتعالىٰ هن جي غربت دور ڪندو، هر مصيبت کان بچائيندو ۽ پريشاني دور ڪندو ۽ اتان عطا ڪندو جنهنجي باري ۾ هن سوچيو بہ نہ هوندو.

أَسْتَغْفِرُ اللّهَ الّذِي لَا إِلَهَ إِلّا هُوَ الحَيّ القَيُّومَ وَأَتُوبُ إِلَيْهِ (رياض الصالحين 1874)

مان الله کان (پنهنجي گناهن جي) معافي گهران ٿو جنهن کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي. هو هميشه زنده آهي ۽ ڪائنات جو مالڪ آهي ۽ مان هن جي اڳيان توبه ڪريان ٿو

سُبْحَانَ اللّهِ وَبِحَمْدِهِ أَسْتَغْفِرُ اللّهَ وَأَتُوبُ إِلَيْهِ (مسلم 484)

پنهنجي سڄي تعريف سان گڏ الله پاڪ آهي مان الله کان (پنهنجي گناهن جي) معافي گهران ٿو ۽ مان هن جي اڳيان توبه ڪريان ٿو

اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ رَبِّيْ مِنْ كُلِّ ذَنْۢبٍ وَّاَتُوْبُ اِلَيْهِ (مسند احمد 22002)

يا الله! مان اوهان کان هر گناه جي مغفرت گهران ٿو ۽ توبہ ڪيان ٿو.

ڪچهري ختم ڪري اٿڻ جي دعا

سُبْحانَكَ اللَّهُمَّ وَبِحَمْدِكَ، أَشْهَدُ أَنْ لاَ إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ، أَسْتَغْفِرُكَ وَأَتوبُ إِلَيْكَ

(سنن ابن داود 4859)

يا الله ﷻ! تهنجي تعريف سان گڏ تنهنجي پاڪائي بيان ٿو ڪريان، مان شاهدي ٿو ڏيان ته توکانسواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي ، مان صرف توکان ئي معافي گهران ٿو ۽ تنهنجي ئي اڳيان توبہ ڪيان ٿو.

جهنم جي عذاب کان بچڻ جي دعا

اللهُمَّ أَجِرْنِي مِنَ النَّارِ أبو داود (5508)

يا الله ! تون مونکي جهنم جي باهه کان بچائجان

هر بيماري کان بچڻ جي دعا

اللّهُمّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْبَرَصِ، وَالْجُنُونِ، وَالْجُذَامِ، وَمِنْ سَيِّئِ الأَسْقَامِ

(أبو داود، 1554، والنسائي، 5493

يا الله! مان برص، جنون، ڪوڙهه ۽ هر خراب بيماري کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

نظر کان بچڻ ۽ ان کي ختم ڪرڻ جون دعائون

أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّةِ مِنْ كُلِّ شَيْطَانٍ وَهَامَّةٍ وَمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لامَّةٍ

(صحيح البخاري 3371

مان الله تعالىٰ جي پناهه ۾ اچڻ چاهيان ٿو هن جي بهترين لفظن جي ذريعي سيني جنن ۽ بلائن ۽ هر خراب نظر کان.

بسمِ اللهِ أَرْقِيكَ، مِن كُلِّ شَيءٍ يُؤْذِيكَ، مِن شَرِّ كُلِّ نَفْسٍ، أَوْ عَيْنِ حَاسِدٍ، اللَّهُ يَشْفِيكَ، باسْمِ اللهِ أَرْقِيكَ. (سنن ابن ماجه 3523

مان الله جو نالو وٺي اوهان تي دم ڪريان ٿو، هر ان شيءِ کان بچائڻ لاءِ جيڪا اوهان کي تڪليف پهچائي ٿي ۽ هر نفس (ساهواري) جي شر کان ۽ هر ساڙ ڪندڙ جي اک جي شر کان. الله اوهان شفا ڏيئي، الله جو نالو وٺي مان اوهان تي دم ڪريان ٿو.

(مريض جي مٿي هٿ رکي تي پيرا هي دعا پڙهڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ هن کي صحت عطا ڪندو)

بِسْمِ اللَّهِ أَرْقِيكَ وَاللَّهُ يَشْفِيكَ مِنْ كُلِّ دَاءٍ فِيكَ مِنْ شَرِّ النَّفَّاثَاتِ فِي الْعُقَدِ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ إِذَا حَسَدَ (صحيح مسلم 2186)

مان الله جي نالي سان تو تي دم ڪيان ٿو ۽ الله تو کي صحت عطا ڪري ھر ان بيماري کان جيڪا تنھنجي اندر آهي ۽ هر ڪامڻ (ڏائڻ) يا ساڙ ڪندڙ اک جي برائي جڏهن هو ساڙ ڪرڻ لڳي.

اَللّٰهُمَّ أَذْهِبْ حرَّهَا وَبَردَهَا وَوَصْبَهَا (هي دعا پڙهي پوءِ چوي **قُمْ بِإِذْنِ اللهِ** (الله جي نالي اٿي)

(مسند احمد 15273 ۽ مستدرڪ الحاڪم 7500)

يا الله! هن (مريض) جي گرمي ۽ سردي ۽ تڪليف دور فرما.

اللَّهُمَّ ذَا السُّلْطَانِ العَظِيْمِ وَالمَنِّ القَدِيْمِ ذَا الرَّحْمَةِ الكَرِيْمِ وَلِيِّ الكَلِمَاتِ التَّامَّاتِ وَالدّعَوَاتِ المُسْتَجَابَاتِ عَافِ حَسَن وَحُسَيْن مِنْ أَنْفُسِ الجِنِّ وَأَعْيُنِ الإِنْسِ

(مسند علي بن ابي طالب 17/710)

اي وڏي طاقت جا مالڪ هميشہ مھرباني ڪندڙ آهيو عاليشان بزرگي وارا آهيو، سيني سنن لفظن جا مالڪ آهيو ۽ قدرت رکڻ وارا آهيو ۽ دعا قبول ڪرڻ وارا آهيو، حسن ۽ حسين (هتي ان جو نالو ورتو وڃي جنھنجي لاءِ هي دعا ڪجي) کي جن ۽ انسان جي نظر کان آزاد ڪر.

نظر لڳڻ جو شڪ هجي

اللَّهُمَّ بَارِكْ فِيهِ وَ لا تَضُرُّهُ (ابن سني 207)

يا الله! اوهان مون کي هن ۾ برڪت عطا ڪيو ۽ هن کي نقصان کان بچايو

مَا شَآءَ ٱللَّهُ لَا قُوَّةَ إِلَّا بِٱللَّهِ (ابن سني 206)

الله تعالىٰ جي مرضي ڪھڙي نہ پلي آهي سڄي طاقت ۽ سگھہ الله جي لاءِ آهي

جادو (سحر) ختم ڪرڻ جو وظيفو

(جنھن تي جادو ٿيل هجي ان جي مٿان هي آيت دم ڪندا رهو) (پير نصيرالدين نصير گولڙا شريف)

وَمَا هُم بِضَآرِّينَ بِهِۦ مِنْ أَحَدٍ إِلَّا بِإِذْنِ ٱللَّهِ ۝١٠٢ (سورت البقره)

الله جي حڪم کانسواءِ هن (جادو) سان ڪجھ بہ نٿا ڪري سگھن

مصيبت ۽ پريشاني جي وقت جون دعائون

نبي ڪريمﷺ مصيبت ۽ مشڪل جي وقت پھريان نفل نماز پڙهندو ۽ ان کانپوءِ هي دعائون پڙهندو هو.

لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ الْعَظِيْمُ الْحَلِيْمُ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمُ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ رَبُّ السَّمَاوَاتِ وَرَبُّ الْأَرْضِ وَرَبُّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمُ (ڪتاب الدعوات، باب الدعاء صفحو 2336)

الله کانسواءِ ڪو بہ الله ڪونهي جيڪو وڏي علم وارو ۽ نرم سُياءُ وارو آهي. الله کانسواءِ ڪو معبود ڪونهي جيڪو عرش عظيم جو پالڻھار آهي، الله کانسواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ڪونهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ۽ عرش ڪريم جو رب آهي.

اَللّٰهُمَّ رَحْمَتَكَ أَرْجُوْ فَلَا تَكِلْنِيْ إِلٰى نَفْسِيْ طَرْفَةَ عَيْنٍ وَّأَصْلِحْ لِيْ شَأْنِيْ كُلَّهٗ لَا إِلٰهَ إِلَّا أَنْتَ (مصباح المصابيح 2447 ۽ صحيح البخاري 7426)

يا الله! مون کي تنهنجي رحمت جي اميد آهي، بس مون کي اک ڇنڀ جي برابر بہ منهنجي نفس جي حوالي نہ ڪجان ۽ منهنجي سيني ڪمن کي نيڪ ڪر، اوهان کانسواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي.

اللّٰهُمَّ إنّا نَسْأَلُكَ مُوجِباتِ رَحْمَتِكَ، وَعَزائِمَ مَغْفِرَتِكَ، والسّلامَةَ مِنْ كُلِّ إثمٍ، والغَنِيمَةَ مِنْ كُلِّ بِرٍّ، والفَوْزَ بالجَنّةِ، والنّجاةَ مِنَ النّارِ (رياض الصالحين 1493)

يا الله! مان اوهان کان ان شيءِ جو سوال ڪريان ٿو جيڪا تنهنجي رحمت ۽ تنهنجي بخشش جو ذريعو هجي، هر گناهہ کان حفاظت، هر نيڪ عمل جي فائدي، جنت حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ۽ باهہ کان نجات جو سبب هجي.

(هي سستي، ڪنجوسي ۽ بزدلي ۽ قرض کان جان ڇڏائڻ جي دعا آهي)

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ الْعَجْزِ وَالْكَسَلِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ الْجُبْنِ وَالْبُخْلِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ غَلَبَةِ الدَّيْنِ، وَقَهْرِ الرِّجَالِ (مشڪات المصباح 2448)

يا الله! ڳڻتي ۽ ڏک کان مان تنهنجي پناه گهران ٿو، بيهمتي ۽ سستي کان مان تنهنجي پناه گهران ٿو، بزدلي ۽ ڪنجوسي کان مان تنهنجي پناه گهران ٿو، قرض جي بار ۽ ماڻهن جي قهر (دٻائڻ) کان مان تنهنجي پناه گهران ٿو

(جڏهن ڪا وڏي مصيبت اچي وڃي ۽ ڪو به رستو نظر نه اچي ته هينين دعائن مان ڪا به دعا ڪثرت سان پڙهڻ گهرجي)

حَسْبُنَا اللَّهُ وَنِعْمَ الْوَكِيلُ عَلَى اللَّهِ تَوَكَّلْنَا (جامع الترمذي 2431)

الله اسان جي لاءِ ڪافي آهي ۽ هو تمام بهترين ڪارساز آهي، الله تي ئي اسان ڀروسو ڪيو.

حَسْبُـنا اللّهُ وَنِعْـمَ الوَكـيل (صحيح بخاري 4563)

اسان جي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ هو تمام بهترين حفاظت ڪندڙ آهي.

اللَّهُمَّ لا سَهْلَ إِلا مَا جَعَلْتَهُ سَهْلا وَأَنْتَ إِنْ شِئْتَ جَعَلْتَ الْحَزَنَ سَهْلا

(حصن المسلم 137)

يا الله! صرف اهو ڪم آسان آهي جنهن کي تو آسان ڪري ڇڏيو ۽ تون جڏهن به چاهين مشڪل کي آسان ڪري ڇڏين

(هي حضرت يونسؑ جي دعا آهي. جيڪو به هي دعا پڙي پوءِ الله تبارڪ و تعالىٰ کي پنهنجي ضرورت بيان ڪيو. انشاء الله اوهان جي دعا قبول ٿيندي) (مشڪات المصابيح 2292)

لَا إِلَهَ إِلّا أَنْتَ سُبْحَانَكَ إِنِّي كُنْتُ مِنَ الظَّالِمِينَ (سورت الانبياء آيت 87)

توکانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ڪونهي، تون پاڪ آهين بيشڪ مان ڏهاري (گنهگار) آهيان

لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ (جامع الترمذي 3601، صحيح البخاري 6384)

الله تعالىٰ جي مدد (توفيق) کانسواءِ نه گناه کان بچڻ جي همت آهي نه وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت آهي

(رسول اللهﷺ جو فرمان آهي: لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ نوانوي بيمارين جي دوا آهي انهن مان گهٽ ۾ گهٽ بيماري پريشاني آهي. هي جنت جي خزانن مان هڪ خزانو آهي)

(جڏهن بہ نبي ڪريمﷺ کي پريشاني پيش ايندي هئي يا ڪنهن مصيبت کي منهن ڏيڻو پوندي هو تہ پاڻﷺ هينين دعا گهرندا)

يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ بِرَحْـمَتِكَ أَسْتَغِيثُ

اي هميشه زنده رهڻ وارا، اي مخلوق کي قائم رکڻ وارا، مان اوهان کان اوهان جي رحمت جي ذريعي مدد گهران ٿو

(مان توکي اهي لفظ نہ سيکاريان جنهن کي تون مصيبت، بيچيني جي وقت پڙهجان: رسول اللهﷺ جو فرمان)

اللَّهُ اللَّهُ رَبِّي لاَ أُشْرِكُ بِهِ شَيْئًا (سنن ابي داود 1525)

الله ئي منهنجو رب آهي ان جو ڪو بہ شريڪ ڪونهي

دشمن کان بچڻ جي دعا

اَللّٰهُمَّ إِنَّا نَجْعَلُكَ فِيْ نُحُوْرِهِمْ وَ نَعُوْذُ بِكَ مِنْ شُرُوْرِهِمْ (سنن ابي داود 1537)

يا الله! مان اوهان کي انهن جي سامهون رکان ٿو ۽ انهن جي شر کان اوهان جي پناهہ گهران ٿو.

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْهِمْ بِمَا شِئْتَ (حصن مسلم 132)

يا الله اوهان منهنجي ڪفالت ڪريو، جهڙي نموني چاهيو.

اوچتن ننڊن وڏن حادثن يا سانحن کان بچڻ جي دعا

وَٱلثَّمَرَٰتِ ۗ وَبَشِّرِ ٱلصَّـٰبِرِينَ ﴿١٥٥﴾ ٱلَّذِينَ إِذَآ أَصَـٰبَتْهُم مُّصِيبَةٌ قَالُوٓا۟ إِنَّا لِلَّهِ
وَإِنَّآ إِلَيْهِ رَٰجِعُونَ ﴿١٥٦﴾ أُو۟لَـٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوَٰتٌ مِّن رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ ۖ وَأُو۟لَـٰٓئِكَ
هُمُ ٱلْمُهْتَدُونَ ﴿١٥٧﴾

خوشخبر ڏي (155) انهن کي جن تي ڪا مصيبت ايندي آهي تہ چوندا آهن تہ اسان الله جا آهيون ۽ ان ڏانهن اسان کي واپس ورٽوآهي (156) انهن تي ئي سندن پالڻهار جون مهرباني ۽ ٻاجهہ آهي ۽ اهي ئي سڌي رستي آهن.

گم يا چوري ٿيل شيءِ کي حاصل ڪرڻ جي دعا

اللَّهُمَّ رادَّ الضَّالَّةِ وهادِيَ الضَّالَّةِ تهدي مِنَ الضَّلالةِ اردُدْ عليَّ ضالَّتي بقُدرتِك وسُلطانِك فإنَّها مِن عطائِك وفَضْلِك (الطبراني 13289)

يا الله! گم ٿيل کي واپس ڪرڻ وارا! ۽ رستي ڀٽڪيل کي رستو ڏيکاريندڙ! اوهان گم ٿيل (شيءِ) جو رستو ٻڌائي سگهو ٿا. پنهنجي قدرت ۽ طاقت جي ذريعي منهنجي گم ٿيل شيءِ کي واپس ڪرايو ڇاڪاڻ اها اک(شيءِ) بيشڪ اهان جي فضل ۽ سخا سان مون کي ملي هئي.

إنّا للهِ وَإنَا إلَـيْهِ راجِعـون ، اللَّهُمَّ أَجْرِنِي فِي مُصِيبَتِي ، وَأَخْلِفْ لِي خَيْرًا مِنْهَا ، إِلَّا أَجَرَهُ اللَّهُ فِي مُصِيبَتِهِ ، وَأَخْلَفَ لَهُ خَيْرًا مِنْهَا (مسلم 632/2)

بيشڪ اسان الله جي ملڪيت آهيون ۽ اسان هن ڏانهن ئي واپس موٽڻو آهي. يا الله! مونکي منهنجي ڏک (صدمو) تي اجر عطا ڪر ۽ مونکي انجو عيوضو (نعم البدل) عطا فرما.

الله جي محبت حاصل ڪرڻ جي دعا

رسول الله ﷺ الله تعالىٰ جي محبت طلب ڪرڻ لاءِ هي دعا گهرندو هو.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ حُبَّكَ وَحُبَّ مَنْ يُحِبُّكَ وَالْعَمَلَ الَّذِي يُبَلِّغُنِي حُبَّكَ اللَّهُمَّ اجْعَلْ حُبَّكَ أَحَبَّ إِلَيَّ مِنْ نَفْسِي وَمَالِي وَأَهْلِي وَمِنَ الْمَاءِ الْبَارِدِ (مشكات المصابيح 2496)

ياالله! مان تنهنجي ۽ تنهنجي محبوبن جي محبت جو طلبگار آهيان ۽ اهڙن ڪمن جي سگهه عطا ڪر جيڪي تنهنجي محبت ڏانهن مائل ڪن، يا الله! اوهان پنهنجي محبت کي منهنجي لاءِ منهنجي جان ۽ مال ۽ اهل و عيال ۽ ٿڌي پاڻي کان به وڌيڪ محبوب ڪر.

شيطاني جي وسوسن کان بچڻ جون دعائون

اللَّهُمَّ اجْعَلْ وَسَاوِسَ قَلْبِي خَشْيَتَكَ وذِكْرَكَ، واجْعَلْ هِمَّتي وهَوَايَ فيمَا تُحِبُّ وتَرضى (مخطوطة مسند الفردوس 1930)

يا الله! منهنجي دل ۾ اچڻ وارن خيالن کي پنهنجي خشيت (ڀؤ، ڊپ) ۽ پنهنجي ذڪر ۾ بدلائي ڇڏ.

رَّبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ هَمَزَٰتِ ٱلشَّيَـٰطِينِ ﴿٩٧﴾ وَأَعُوذُ بِكَ رَبِّ أَن يَحْضُرُونِ ﴿٩٨﴾ (سورت المؤمنون آيت 97 ۽ 98)

اي منهنجا پالڻھار! مان شيطانن جي وسوسن کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو (97) ۽ اي منهنجا پالڻھار! ان (ڳالھ) کان بہ پناهہ گهران ٿو تہ هو مون ڏانهن اچن (98)

ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ جو دعائون

جڏهن ڪاوڙ اچي تہ هي دعا پڙهجي ۽ جيڪڏهن نماز ۾ ڪي خيالن اچن تہ بہ دعا پڙهجي ۽ ڪابي پاسي ٿي پيرا ٿو ٿو ڪجي

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ (حصن المسلم 193 ۽ الاداب المفرد 1319)

مان الله جي پناهہ گهران ٿو شيطان مردود کان

اَللّٰهُمَّ رَبَّ مُحَمَّدٍ اغْفِرْ لِيْ ذَنْبِيْ ، وَأَذْهِبْ غَيْظَ قَلْبِيْ ، وَأَعِذْنِيْ مِنْ مُضِلَّاتِ الْفِتَنِ مَا أَحْيَيْنَا (ابن السني 455)

يا الله! اي محمدﷺ جا رب جيڪو نبي آهي، منهنجا گناهہ بخش ۽ منهنجي دل مان ڪاوڙ ڪڍ ۽ جيستائين مون زنده رکين تيستائين مون گمراهہ ڪندڙ فتنن کان پنهنجي پناهہ ۾ رکجان.

رات جو ننڊ نہ اچڻ ۽ بيچيني جي دعا

اللَّهُمَّ غارَتِ النُّجومُ، وهَدأَتِ العُيونُ، وأنت حَيٌّ قيُّومٌ لا تأْخُذُك سِنةٌ ولا نومٌ، يا حَيُّ يا قيُّومُ، أَهْدِئْ لَيْلِي، وأَنِمْ عَيني (عمل اليوم والليلة لابن السني 1/676) (هي ضعيف حديث آهي)

يا الله! تارا لڪي ويا ۽ اکيون آرام ڪرڻ لڳيون آهن ۽ اوهان هميشہ حيات ۽ سنڀاليندڙ آهيو. اوهان کي نہ ننڊ ايندي آهي نہ وري ڪو ننڊ جو جهوٽو ايندو آهي. اي هيمشہ زنده ۽ سنڀاليندڙ! مون کي آرام عطا ڪر ۽ اکين کي ننڊ عطا ڪر.

اللَّهُمَّ رَبَّ السَّمَوَاتِ السَّبْعِ وَمَا أَظَلَّتْ وَرَبَّ الأَرَضِينَ وَمَا أَقَلَّتْ وَرَبَّ الشَّيَاطِينِ وَمَا أَضَلَّتْ كُنْ لِي جَارًا مِنْ شَرِّ خَلْقِكَ كُلِّهِمْ جَمِيعًا أَنْ يَفْرُطَ عَلَيَّ أَحَدٌ مِنْهُمْ أَوْ أَنْ يَبْغِيَ عَلَيَّ عَزَّ جَارُكَ وَجَلَّ ثَنَاؤُكَ وَلاَ إِلَهَ غَيْرُكَ وَلاَ إِلَهَ إِلاَّ أَنْتَ

(جامع الترمذي 3523)

يا الله! اوهان پالڻهار آهيو ستن آسمانن جا ۽ جيڪا بہ شيءِ انهن جي ڇانو ۾آهي ۽ پالڻهار آهيو زمينن جا ۽ انهن شين جا جن کي زمين ڪنيون بيٺي آهي ۽ اوهان رب آهيو شيطانن جا ۽ انهن جا جن کي شيطانن گمراهہ ڪيو آهي. پنهنجي سڄي مخلوق جي برائين کان مون محفظو رک (تہ جيئن) مون سان ڪو ڏاڍائي نہ ڪري، تنهنجي پناهہ ۾ اچڻ وارو هميشہ غالب رهندو آهي ۽ تنهنجو نانءُ وڏي عظمت وارو آهي ، اوهان ڪانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي ۽ صرف اوهان ئي عبادت جي لائق آهيو.

غربت جي پريشاني کان بچڻ جي دعا

(هي دعا غربت جي پريشانين کان بچائيندي، قبر ۾ راحت نصيب ڏيندي، رزق ۾ برڪت ايندي ۽ جنت نصيب ڏيندي)

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ الْمُبِينُ (ڪنز العمال 3893)

الله ڪانسواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي، هو حقيقي بادشاهہ آهي ۽ هر شيءِ صاف صاف ڪرڻ وارو آهي

اللَّهُمّ رَضِّنِي بِقَضَائِكَ وَبَارِكْ لِي فِي قَدَرِكَ حَتَّى لَا أُحِبّ تَعْجِيلَ شَيْءٍ أَخّرْتَهُ وَلَا تَأْخِيرَ شَيْءٍ عَجّلْتَهُ (ابن السني 352)

يا الله! مون کي تقدير جي فيصلي تي راضي رهڻ جي توفيق عطا فرما، جيڪو اوهان لکيو آهي ان ۾ برڪت عطا فرما ۽ جيڪو اوهان روڪيو آهي اهو جلدي عطا فرما ۽ جيڪو اڳواٽ ڏيڻ جو ارادو ڪيو آهي ان کي نہ روڪجو.

خراب خواب ڏسڻ کانپوءِ جي دعا

سنو خواب الله جي طرفان آهي ۽ برو(خراب) خواب شيطان جي طرف کان آهين (صحيح البخاري 6986)
کو جڏهن خراب خواب ڏسي تہ اهو کنهن کي بہ نہ ٻڌائي ۽ ان کانپوءِ اعوذ بالله پڙهي ٽي ڀيرا کاٻي کلهي طرف ٿکي (ٿو ٿو کري) ۽ پوءِ ٻئي پاسي پاسو ورائي سمهي ۽ الله تعالیٰ ذکر کري (صحيح البخاري 3239)

اللهم إني أعوذ بك من عَمَلِ الشّيطَانِ وَسَيِّئَاتِ الأحْلامِ فإنها لا تَكُونُ شَيئًا (ابن السني 775)

يا الله! مان اوهان جي پناه گهران ٿو شيطان جي عمل کان ۽ خراب خواب کان ڇاڪاڻ تہ اهي کجھ بہ نہ آهن.

اک، کن ۽ زبان جي برائي کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ سَمْعِي وَمِنْ شَرِّ بَصَرِي وَمِنْ شَرِّ لِسَانِي وَمِنْ شَرِّ قَلْبِي وَمِنْ شَرِّ مَنِيِّي (جامع الترمذي 3492)

يا الله! مان اوهان جي پناه گهران ٿو پنهنجي کن، اک، دل، زبان ۽ مني جي برائي کان.

تمام گهڻي پوڙهائپ کان پناه جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْجُبْنِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْبُخْلِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الدُّنْيَا، وَعَذَابِ الْقَبْرِ (صحيح البخاري 6374)

يا الله! مان اوهان جي پناه گهران ٿو بزدلي کان ۽ اوهان جي پناه گهران ٿو کنجوسائي کان ۽ اوهان جي پناه گهران ٿو تمام گهڻي پوڙهائپ کان ۽ اوهان جي پناه گهران ٿو دنيا جي فتني کان ۽ قبر جي عذاب کان اوهان جي پناه گهران ٿو.

کو کم جڏهن مرضي جي مطابق نہ ٿئي

قَدَّرَ اللَّهُ وَمَا شَاءَ فَعَلَ (سنن ابن ماجہ 79)

الله تقدير ۾ لکيو ۽ جيکو هن چاهيو سو کيائين.

بڏي، سڙي ۽ ڪري مرڻ ۽موذي جانور جي ڏنگ کان پناھ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْهَدْمِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ التَّرَدِّي وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْغَرَقِ وَالْحَرَقِ وَالْهَرَمِ وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ يَتَخَبَّطَنِي الشَّيْطَانُ عِنْدَ الْمَوْتِ وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ أَمُوتَ فِي سَبِيلِكَ مُدْبِرًا وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ أَمُوتَ لَدِيغًا (سنن ابي داود 1552)

يا الله! مان اوهان کان پناھ گهران ٿو ڪري مرڻ کان ۽ دبجي مرڻ کان ۽ ٻڏي مرڻ کان ۽ سڙي مرڻ کان ۽ پوڙهائپ کان ۽ اوهان جي پناھ گهران ٿو ان ڳالھ کان تہ ڪٿي شيطان موت جي وقت مون کي بدحواس نہ ڪري ڇڏي ۽ جهاد جي ميدان ۾ منهن ڦيري ڀڄي وڃڻ کان اوهان جي پناھ گهران ٿو ۽ موذي جانورن جي ڏنگڻ کان اوهان جي پناھ گهران ٿو.

اٻهٽ ۽ خراب عادتن کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الشِّقَاقِ وَالنِّفَاقِ وَسُوءِ الأَخْلاَقِ (سنن ابوداود 1546)

يا الله! مان بدنصيبي، اٻهٽ ۽ خراب اخلاقن کان اوهان جي پناھ گهران ٿو.

موت ۽ دجال جي فتني کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إنِّي أَعُوذُ بِكَ مِن عَذَابِ القَبْرِ وَ أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ جَهَـنَّم وَ أَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ المَحْيَا وَالْمَمَاتِ، وَ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ فِتْنَةِ المَسِيحِ الدَّجَّالِ (صحيح المسلم 588)

يا الله! مان اوهان جي پناھ گهران ٿو قبر جي عذاب کان ۽ اوهان جي پناھ گهران ٿو دوزخ جي عذاب کان ۽ پناھ گهران ٿو زندگي ۽ موت جي ڏقير کان ۽ دجال جي شر کان اوهان جي پناھ گهران ٿو.

لوڀ ۽ لالچ کان پناھ جي دعا

اللَّهُمَّ إنِّي أَعُوذُ بِك مِنْ طَمَعٍ يَهْدِي إِلَى طَبْعٍ (مسند احمد 21623)

يا الله! مان اوهان کان پناھ گهران ٿو اهڙي لالچ کان جيڪا انڌو (سوچڻ سمجهڻ جي صلاحتي ختم) ڪري ڇڏي.

بيروزگاري کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِك مِنَ الْبُؤْس وَالتَّبَاؤُس (المنزل الخامس ص. 97)

يا الله! مان اوهان کان پناھ گهران ٿو غربت کان ۽ مسڪينن واري منهن ناهڻ کان.

بک ۾ خيانت کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْجُوعِ فَإِنَّهُ بِئْسَ الضَّجِيعُ وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْخِيَانَةِ فَإِنَّهَا بِئْسَتِ الْبِطَانَةُ (سنن ابي داود 1547)

يا الله! مان بک کان اوهان جي پناه گهران ٿو جيڪا خراب سنگتي آهي، مان خيانت کان اوهان جي پناه گهران ٿو جيڪا خراب عادت آهي.

حلال رزق جي لاءِ دعا

اللَّهُمَّ اكْفِنِي بِحَلاَلِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَأَغْنِنِي بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ (جامع الترمذي 3563)

يا الله! حرام جي بدلي مون کي ضرورت مطابق حلال رزق عطا فرما ۽ پاڻ کانسواءِ ٻئي ڪنهنجو بہ محتاج نہ ڪجان.

گهرواري سان سمهڻ وقت جي دعا

بِسْمِ اللهِ اللّهُمَّ جَنِّبْنا الشَّيْطانَ وَجَنِّبِ الشَّيْطانَ ما رَزَقْتَنا (صحيح البخاري 3271)

مان الله جو نالي سان شروع ڪيان ٿو، يا الله! اسان کي شيطان کان بچائجان ۽ جيڪي اولاد عطا ڪجان ان کي بہ شيطان کان بچائجان.

گناه بخشائڻ جي دعا

رَبَّنَا ظَلَمْنَآ أَنفُسَنَا وَإِن لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُونَنَّ مِنَ ٱلْخَـٰسِرِينَ ﴿٢٣﴾ (سورت الاعراف)

اسان جا پالڻهار اسان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي جيڪڏهن اوهان نہ بخشيندؤ ۽ اسان تي رحم نہ ڪندؤ تہ اسان تباه ٿي وينداسين.

رَبَّنَا ٱغْفِرْ لَنَا ذُنُوبَنَا وَإِسْرَافَنَا فِىٓ أَمْرِنَا وَثَبِّتْ أَقْدَامَنَا وَٱنصُرْنَا عَلَى ٱلْقَوْمِ ٱلْكَـٰفِرِينَ ﴿١٤٧﴾

(سورت العمران)

اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجي ڪمن ۾ جيڪي گناه ۽ ڪوتاهيون ڪيون آهن انهن کي بخش ڪر ۽ اسان کي ارادي جو پڪو ڪر ۽ ڪافرن خلاف فتح نصيب فرما

استخاره جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْتَخِيرُكَ بِعِلْمَكَ، وَأَسْتَقْدِرُكَ بِقُدْرَتِكَ، وَأَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ الْعَظِيمِ، فَإِنَّكَ تَقْدِرُ وَلَا أَقْدِرُ، وَتَعْلَمُ، وَلَا أَعْلَمُ، وَأَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ، اللَّهُمَّ إِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ أَنَّ هَذَا الْأَمْرَ- خَيْرٌ لِي فِي دِينِي وَمَعَاشِي وَعَاقِبَةِ أَمْرِي- عَاجِلِهِ وَآجِلِهِ- فَاقْدُرْهُ لِي وَيَسِّرْهُ لِي ثُمَّ بَارِكْ لِي فِيهِ، وَإِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ أَنَّ هَذَا الْأَمْرَ شَرٌّ لِي فِي دِينِي وَمَعَاشِي وَعَاقِبَةِ أَمْرِي- عَاجِلِهِ وَآجِلِهِ- فَاصْرِفْهُ عَنِّي وَاصْرِفْنِي عَنْهُ وَاقْدُرْ لِيَ الْخَيْرَ حَيْثُ كَانَ ثُمَّ أَرْضِنِي بِهِ (سنن النسائي 3253)

يا الله! مان اوهان جي علم سان ڀلائي گهران ٿو ۽ اوهان جي قدرت سان قوت چاهيان ٿو ۽ اوهان کان اوهان جي عظيم فضل جو سوال ڪريان ٿو ان ڪري جو اوهان وٽ طاقت آهي ۽ مان ڪمزور آهيان، اوهان کي سڄي ڄاڻ آهي ۽ مان اڻ ڄاڻ آهيان ۽ اوهان غيب جا مالڪ آهيو. يا الله! جي اوهان سمجهو ٿا تہ هن ڪم ۾ منهنجي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي تہ ان کي منهنجو مقدر ڪر ڇڏ ۽ اهو ڪم منهنجي لاءِ آسان ڪري ڇڏ. جي اوهان سمجهو ٿا تہ هن ڪم ۾ منهنجي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ناهي تہ ان کي مون کان پري ڪري ڇڏ ۽ مون کي ٻي ڪا ڀلائي عطا ڪر ۽ مون کي ان تي راضي ڪري ڇڏ.

(جي استخاره جي دعا ياد نہ هجي تہ ڪو بہ ڪم ڪرڻ کان اڳ هي دعا پڙهجي)

اللَّهُمَّ خِرْ لِي وَاخْتَرْ لِي (جامع الترمذي 3516)

يا الله! منهنجي لاءِ بهتر جو انتخاب ڪر ۽ منهنجي لاءِ بهتر کي پسند فرما.

سنن اخلاقن جي لاءِ دعا

اللَّهُمَّ اهْدِنِي لِأَحْسَنِ الأَخْلاَقِ لاَ يَهْدِي لِأَحْسَنِهَا إِلاَّ أَنْتَ وَاصْرِف عَنِّي سَيِّئَهَا لا يَصْرِفُ عَنِّي سَيِّئَهَا إِلاَّ أَنْت (حصن المسلم 29)

يا الله! مون کي سٺا اخلاق نصيب فرما، اوهان کانسواءِ ڪو بہ ڀلايون نٿو ڏئي سگهي ۽ خراب اخلاق مون کان پري ڪري، اوهان کانسواءِ ڪو بہ خراب اخلاقن پري ڪرڻ وارو ڪونهي.

ماءُ ۽ پيءُ جي لاءِ دعا

رَبَّنَا ٱغْفِرْ لِي وَلِوَٰلِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِينَ يَوْمَ يَقُومُ ٱلْحِسَابُ ﴿٤١﴾ (سورت ابراهيم 41)

اي اسان جا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي والدين کي ۽ سڀ ايمان وارن قيامت جي ڏينهن بخش جان.

هر گناهه کان بچڻ ۽ هر ڀلائي کي حاصل ڪرڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنَّا نَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِ مَا سَأَلَكَ مِنْهُ نَبِيُّكَ مُحَمَّدٌ وَنَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا اسْتَعَاذَ بِكَ مِنْهُ نَبِيُّكَ مُحَمَّدٌ وَأَنْتَ الْمُسْتَعَانُ وَعَلَيْكَ الْبَلاَغُ وَلاَ حَوْلَ وَلاَ قُوَّةَ إِلاَّ بِاللَّهِ (جامع الترمذي 3521)

يا الله! اسان اوهان کان انهن ڀلاين جو سوال ڪريون ٿا جن جو سوال اوهان کان اوهان جي نبي محمدﷺ ڪيو هو ۽ اسان اوهان کان پناهه گهرون انهن سيني برائين کان جن کان اوهان جي نبي محمدﷺ اوهان کان پناهه گهري هئي ۽ اوهان اها هستي آهيو جنهن کان مدد گهري ويندي آهي ۽ اوهان ئي دعا قبول ڪرڻ وارا آهيو. نه گناهن کان بچڻ جي طاقت آهي نه وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت سواءِ الله تبارڪ وتعالىٰ جي مدد جي.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ كُلِّ خَيْرٍ أَحَاطَ بِهِ عِلْمُكَ ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ كُلِّ شَرٍّ أَحَاطَ بِهِ عِلْمُكَ ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ عَافِيَتَكَ فِي أُمُورِي كُلِّهَا ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ خِزْيِ الدُّنْيَا وَمِنْ عَذَابِ الآخِرَةِ (مكارم الاخلاق صفحو 283)

يا الله! مان اوهان کان هر ان ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو جيڪا اوهان جي علم ۾ آهي ۽ مان اوهان جي پناهه گهران ٿو هر ان برائي کان جيڪا اوهان جي علم ۾ آهي. منهنجي سيني معاملن جا نگران اوهان آهيو. مان دنيا جي رسوائي ۽ آخرت جي عذاب کان اوهان جي پناهه گهران ٿو.

وڇون ۽ نانگ جي ڏنگ ۽ چرائپ جو علاج

نبي ڪريمﷺ جو فرمان آهي ته اهڙن مريضن تي سورت فاتحه جو دم ڪيو (سنن ابي داود 3896)

هر لاعلاج مرض جو وظيفو

سورت الرحمان قاري عبدالباسط جي آواز ۾ تجويد سان هينئين طريقي سان ٻڌو
ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ٻڌو ۽ هر ڀيري گلاس ڀرتورو پاڻي وجهو. جڏهن سورت ختم ٿئي ته پاڻي جو گلاس ڪٽي ٽي ڀيرا ڏاڍي عاجزي يا پيار مان الله کي سڏ ڪيو (الله، الله، الله) ۽ پوءِ پاڻي تي شوڪاريو ۽ اهو پاڻي ٽن ساهين ۾ اکيون بند ڪري پيو. ان شاء الله، الله تعالىٰ شفا عطا ڪندو.

ڪينسر ۽ لاعلاج بيمارين جو وظيفو

(سورت نجم جي هي آيت 1100 ڀيرا پاڻي جي وڏي ڊرم يا ڪولر تي دم ڪري مريض کي پياريو. ان شاء الله ڪجھ وقت مريض صحتياب ٿي ويندو. نوٽ: هڪ ماڻهو 1100 ڀيرا هي آيت پڙهي يا 3 يا 4 گڏ جي هي آيت بہ پڙهي سگهن ٿا)

لَيْسَ لَهَا مِن دُونِ ٱللَّهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾ (سورت النجم) (شيخ محمد مكي الحجازي)

الله ڪانسواءِ ڪو بہ (تڪليف کي) پري ڪرڻ وارو ڪونهي.

ڪينسر يا ڪنهن بہ لاعلاج مرض جي لاءِ

(جيڪو ڪينسر جو مريض يا ڪنهن بہ بيماري ۾ لاعلاج مريض کي هيٺين ترتيب سان پهريان 7 ڀيرا درود شريف، پوءِ 7 ڀيرا سورت الفاتحہ ۽ پوءِ 7 ڀيرا سورت الاخلاص ۽ آخر ۾ وري ساڳيو درود شريف 7 ڀيرا پڙهي پاڻي تي دم ڪري پياريو. ان شاء الله ڪجھ ڏينهن ۾ الله هن کي شفا عطا ڪندو) (مولانا احمد لاٽ)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ كُلِّ دَآءٍ وَدَوَآءٍ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ (7 ڀيرا)

سورت الفاتحہ (7 ڀيرا)

سورت الاخلاص (7 ڀيرا)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ كُلِّ دَآءٍ وَدَوَآءٍ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ (7 ڀيرا)

(هي درود شريف پڙهڻ سان وڏي کان وڏي بيماري ختم ٿي ويندي آهي)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِى الْاَرْوَاحِ وَعَلٰى جَسَدِهٖ فِى الْاَجْسَادِ وَعَلٰى قَبْرِهٖ فِى الْقُبُوْرِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

يا الله! روحن ۾ اسان جي آقا محمدﷺ جي روح رحمت نازل فرما ۽ جسمن مان هن جي جسم تي ۽ قبرن مان هن جي قبر تي رحمت نازل فرما ۽ هن جي آل ۽ هن اصحابن تي رحمت نازل فرما.

ڇاتي (بريسٽ) جي ڪينسر جي دعا

هڪ عورت کي ڪينسر ٿيو ۽ هو هڪ بزرگ وٽ وئي پنهنجي ڪينسر جي باري ۾ ٻڌايائنس. ان بزرگ هن کي هي دعا پڙهڻ لاءِ چيو. ڪجھ ڏينهن جي اندر هن جو ڪينسر بلڪل ختم ٿي ويو.

يَا بَدِيعَ الْجَمَالْ بِالْخَيْر

اي حسن جا خالق خير فرما

قرآن حفظ ڪرڻ جي دعا

نبي ڪريمﷺ حضرت عليؓ کي هدايت ڪئي تہ جمع جي رات تي سگهئي تہ تهجد جي وقت نہ تہ عشاء کانپوءِ چار رڪعتون پڙهہ. پهرين رڪعت ۾ سورت فاتحہ کانپوءِ سورت يٰس پڙهہ، ٻي رڪعت ۾ سورت فاتحہ کانپوءِ سورت حم الدخان پڙهہ، ٽيئن رڪعت ۾ سورت فاتحہ کانپوءِ سورت السجده ۽ چوٿين رڪعت ۾ سورت فاتحہ کانپوءِ سورت تبارڪ پڙهہ. چار رڪعتون پوريون ڪري تشهد کان فارغ ٿي پهريان الله جي تمام سهڻي تعريف ڪر ۽ پوءِ مون تي درود پڙهہ ۽ ان کانپوءِ هي دعا پڙهہ.

اللَّهُمَّ ارْحَمْنِي بِتَرْكِ الْمَعَاصِى أَبَدًا مَا أَبْقَيْتَنِي وَارْحَمْنِي أَنْ أَتَكَلَّفَ مَا لَا يَعْنِينِي وَارْزُقْنِي حُسْنَ النَّظَرِ فِيمَا يُرْضِيكَ عَنِّي اللَّهُمَّ بَدِيعَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ ذَا الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ وَالْعِزَّةِ الَّتِي لَا تُرَامُ أَسْأَلُكَ يَا أَللَّهُ يَا رَحْمَنُ بِجَلَالِكَ وَنُورِ وَجْهِكَ أَنْ تُلْزِمَ قَلْبِي حِفْظَ كِتَابِكَ كَمَا عَلَّمْتَنِي وَارْزُقْنِي أَنْ أَتْلُوَهُ عَلَى النَّحْوِ الَّذِى يُرْضِيكَ عَنِّيَ اللَّهُمَّ بَدِيعَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ ذَا الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ وَالْعِزَّةِ الَّتِي لَا تُرَامُ أَسْأَلُكَ يَا أَللَّهُ يَا رَحْمَنُ بِجَلَالِكَ وَنُورِ وَجْهِكَ أَنْ تُنَوِّرَ بِكِتَابِكَ بَصَرِى وَأَنْ تُطْلِقَ بِهِ لِسَانِي وَأَنْ تُفَرِّجَ بِهِ عَنْ قَلْبِي وَأَنْ تَشْرَحَ بِهِ صَدْرِى وَأَنْ تَغْسِلَ بِهِ بَدَنِي فَإِنَّهُ لَا يُعِينُنِي عَلَى الْحَقِّ غَيْرُكَ وَلَا يُؤْتِيهِ إِلَّا أَنْتَ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيمِ (جامع الترمذي 3570)

اي منهنجا الله! مون تي رحم فرما ۽ مون کان هميشہ جي لاءِ گناهن کان پري ڪر ۽ فضول ڪم ڪرڻ کان بچاءِ مونکي هر ڪم ۾ ساڃهہ عطا فرما تہ جيئن اوهان مون کان راضي ٿيو. اي منهنجا الله! آسمان ۽ زمين جا خالق، وڏي مانوارا ۽ اهڙي عزت جا مالڪ جنهنجو ڪو تصور بہ نٿو ڪري سگهي. يا الله! اي مهربان! مان اوهان کي اوهان جي ساڃهہ ۽ اوهان جي چهري مبارڪ جي نور جو واسطو ڏئي اوهان کي عرض ڪريان ٿو تہ پنهنجي ڪتاب منهنجي دل ۾ حفظ ڪرائي ڇڏ ۽ مون کي اهڙي تلاوت نصيب فرما جيڪا اوهان کي پسند هجي. اي منهنجا الله! آسمان ۽ زمين جا خالق، وڏي مانوارا ۽ اهڙي سخاوت جا مالڪ جنهنجو ڪو تصور بہ نٿو ڪري سگهي. يا الله! اي مهربان! اوهان کي اوهان جي ساڃهہ ۽ اوهان جي چهري مبارڪ جي نور جو واسطو ڏئي اوهان کي عرض ڪريان ٿو تہ پنهنجي ڪتاب سان منهنجون اکيون روشن ڪر ۽ منهنجي زبان ۾ رواني پيدا ڪر ۽ دل ۽ سيني کي کول ڇڏ ۽ منهنجي پوري جسم کي ان سان ڌوئي ڇڏ ڇاڪاڻ تہ اوهان کانسواءِ ٻيو ڪو بہ منهنجي حق جي راهہ تي مدد ڪرڻ وارو ڪونهي ۽ اوهان ئي حق عطا ڪري سگهو ٿا. الله کانسواءِ نہ برائي کان بچڻ جي سگهہ آهي ۽ نہ وري ڀلائي ڪرڻ جي قوت آهي، هو تمام وڏو ۽ تمام وڏي مرتبي وارو آهي.

مرڻ واري جون اکيون بند ڪرڻ وقت جي دعا

اللَّهُمَّ اغْفِرْ (لأَبِى سَلَمَةَ) وَارْفَعْ دَرَجَتَهُ فِى الْمَهْدِيِّينَ وَاخْلُفْهُ فِى عَقِبِهِ فِى الْغَابِرِينَ وَاغْفِرْ لَنَا وَلَهُ يَا رَبَّ الْعَالَمِينَ وَافْسَحْ لَهُ فِى قَبْرِهِ . وَنَوِّرْ لَهُ فِيهِ (صحيح مسلم 920)

يا الله! اوهان (هتي مرڻ واري جو نالو وٺو) جي مغفرت فرما ۽ هن جي پوئرن جا اوهان عيوضي ٿي ويو ۽ اي رب العالمين! اسان جي ۽ هن جي ۽ سيني جي مغفرت فرما ۽ هن جي قبر کي وسيع فرما ۽ هن کي قبر ۾ نور عطا فرما.

ميت وٽ پهچي هي دعا ڪجي

اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِى وَلَهُ وَأَعْقِبْنِى مِنْهُ عُقْبَى حَسَنَةً (صحيح مسلم 919)

يا الله! منهنجي ۽ هن جي مغفرت فرما ۽ هن کانپوءِ مون کي بہ سٺو اجر عطا فرما

فوتي تي هي پڙهجي

نبي ڪريمﷺ فرمايو :

اقْرَءُوا { يس } عَلَى مَوْتَاكُمْ (سنن ابي داود 3121)

پنهنجي مرڻ وارن تي سورت يٰس پڙهو

تعزيت (عذر خواهي) ڪرڻ

أعظم الله أجرك، وأحسن عزاءك، وغفر لميتك (حصن المسلم 162)

الله توهان جي اجر ۾ اضافو ڪري ۽ توهان کي صبر عطا ڪري ۽ توهان جي ميت جي مغفرت فرمائي

ميت کي قبر ۾ لاهڻ جي دعا

بِسْمِ اللَّهِ وَعَلَى سُنَّةِ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وسلم (سنن ابي داود 3213)

الله جي نالي سان ۽ رسول اللهﷺ جي سنت تي (اسان هن کي دفن ڪريون ٿا)

ڪنهن خبر جي انتظار جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ فَجْأَةِ الْخَيْرِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فَجْأَةِ الشَّرِّ (ڪتاب الاذڪار ص 104)

يا الله! مان اوهان کان اوچتي ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو ۽ اوچتي برائي کان پناهه گهران ٿو

جيڪو چاهيندين الله تعالىٰ عطا ڪندو

(هي پڙهي پوءِ جيڪا به دعا ڪندؤ الله تعالىٰ قبول فرمائيندو)

اللَّهُمَّ أَنْتَ خَلَقْتَنِي، وَأَنْتَ تَهْدِينِي، وَأَنْتَ تُطْعِمُنِي، وَأَنْتَ تَسْقِينِي، وَأَنْتَ تُمِيتُنِي، وَأَنْتَ تُحْيِينِي (اطبراني المعجم الاوسط 1028)

يا الله! اوهان مون کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهان ئي هدايت ڏيڻ وارا آهيو ۽ اوهان ئي مون کي کارايو ٿا ۽ اوهان ئي مون کي پياريو ٿا ۽ اوهان ئي مون کي ماريندؤ ۽ جياريندؤ.

انڌي ٿيڻ، ڪوڙهه ۽ اڇ رنگ (فالج) کان بچڻ جي دعا

سُبْحَانَ اللَّهِ الْعَظِيمِ وَبِحَمْدِهِ (فجر جي نماز کانپوءِ 3 ڀيرا) (احمد 20621)

مان عظمت واري الله جي شان ۽ تعريف بيان ڪيانٿو

اللَّهمَّ إنِّي أسألُكَ مِمَّا عِندَكَ، وأفِضْ عليَّ مِن فَضلِكَ، وانشُرْ عليَّ مِن رَحمَتِكَ، وأنزِلْ عليَّ مِن بَرَكاتِكَ (هڪ ڀيرو)

يا الله! مان اوهان کان انهن نعمتن جو سوال ڪيان ٿو جيڪي اوهان وٽ آهن ۽ مون تي پنهنجي ڪرم جي برسات وسا ۽ پنهنجي رحمت نازل فرما ۽ پنهنجو برڪتون نازل فرما.

والدين جي لاءِ مغفرت جي دعا

رَّبِّ ٱغْفِرْ وَٱرْحَمْ وَأَنتَ خَيْرُ ٱلرَّٰحِمِينَ ﴿١١٨﴾ (سورت المؤمنون)

اي منهنجا پالڻهار معاف فرما ۽ رحم فرما ۽ اوهان سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهيون

غربت ۽ بيماري جو نبوي نسخو

تَوَكَّلْت عَلَى ٱلْحَيِّ ٱلَّذِي لَا يَمُوتُ، الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَلَمْ يَكُن لَّهُ شَرِيكٌ فِي الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُن لَّهُ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ ۖ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيرًا (الطبراني 1152)

منهنجو ڀروسو ان هميشہ زندہ هستي تي آهي جنهن کي ڪڏهن بہ موت نہ ايندي. سڀ تعريفون فقط الله تعالىٰ جي لاءِ آهن جنهن کي نہ اولاد جي ضرورت آهي ۽ نہ وري ان جو ڪو بہ ڪنهن شي ۾ شريڪ آهي ۽ نہ وري ڪمزوري جي ڪري هن جو ڪو مددگار آهي ۽ هن جون صفتون ۽ خوبيون بيان ڪيو.

قيامت جي ڏينهن نبي ڪريمﷺ جي شفاعت حاصل ڪرڻ جي دعا

اللَّهمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَأَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (مصباح المصابيح 936)

يا الله! قيامت جي ڏينهن هن کي پنهنجي ويجهو جاءِ عطا ڪجان.

دل جي گهبراهٽ ۽ بلڊ پريشر جي دعا

(هي درود 313 ڀيرا مغرب جي نماز کانپوءِ پڙهي پاڻ تي دم ڪريو ۽ پاڻي تي بہ دم ڪري ان پيو. هي درود دل جي مريضن تمام فائدي وارو آهي)

اللَّهمَّ صَلِّ عَلَى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الأُمِّيِّ الطَّاهِرِ الزَّكِيِّ صَلَاةً تُحَلُّ بِهَا العُقَدُ وَتُفَكُّ بِهَا الكُرَبُ (ڪتاب الصلات والعوائد -شيخ شهاب الدين احمد)

يا الله! اسان جي آقا محمدﷺ پاڪ ۽ نيڪ امي نبي تي پنهنجون برڪتون ۽ اهڙي رحمت فرما جيڪا ڳنڍين کي کولي ۽ تڪليف دور فرمائي.

قبر کان وٺي جنت ۾ داخل ٿيڻ تائين نور (روشني) حاصل ڪرڻ جي دعا

(جيڪو بہ هر نماز کانپوءِ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ هن سان قبر کان وٺي جنت ۾ داخل ٿيڻ تائين نور گڏ هوندو.)

اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا، عَدَدَ الشَّفْعِ وَالْوِتْرِ، وَكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ الطَّيِّبَاتِ الْمُبَارَكَاتِ وَلا إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ مِثْلُ ذَلِكَ (مصنف ابن ابي شيبہؒ 29256)

الله تمام بلند آهي هر لحاظ کان ۽ پنهنجي سڀڻن ڪلمن سان ۽ الله کانسوءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ڪونهي ۽ نہ وري ڪو هن جهڙو آهي.

محمدﷺ امت جي لاءِ دعا

اللَّهُمَّ ارْحَمْ أُمَّةَ مُحَمَّدٍ صَلَى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (محمد مكي الحجازي)

يا الله! امت محمدﷺ تي رحم فرما

اللَّهُمَّ اغْفِرْ لأُمَّةِ مُحَمَّدٍ صَلَى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

يا الله! امت محمدﷺ جي بخشش فرما

اللَّهُمَّ اسْتُرْ أُمَّةَ مُحَمَّدٍ صَلَى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

يا الله! امت محمدﷺ جي عيبن تي پردو رک

اللَّهُمَّ أَجْبِرْ أُمَّةَ مُحَمَّدٍ صَلَى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

يا الله! امت محمدﷺ کي شفا عطا فرما

ڀلائي حاصل ڪرڻ ۽ نفس کان بچڻ جي دعا

اللَّهُمَّ أَلْهِمْنِي رُشْدِي وَأَعِذْنِي مِنْ شَرِّ نَفْسِي (جامع الترمذي 3483)

يا الله! منهنجي ڀلائي منهنجي دل ۾ وجھ ۽ مون کي نفس جي شر کان بچاءُ

هدايت حاصل ڪرڻ جي دعا

رَبَّنَآ ءَاتِنَا مِن لَّدُنكَ رَحْمَةً وَهَيِّئْ لَنَا مِنْ أَمْرِنَا رَشَدًا ۝١٠ (سورت الڪهف)

اي پالڻهار! اسان کي پنهنجي خاص رحمت عطا ڪر ۽ اسان جي ڪمن ۾ ڀلائي عطا ڪر.

بخشش جي دعا

اللَّهمَّ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي ظُلْمًا كثِيرًا وَلا يَغْفِر الذُّنوبَ إِلاَّ أَنْتَ فَاغْفِر لي مغْفِرَةً مِن عِنْدِكَ، وَارحَمْني إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفور الرَّحِيم (صحيح البخاري 834)

يا الله! مون پنهنجي پاڻ (گناه ڪري) ڏاڍو ظلم ڪيو آهي، منهنجي گناهن کي اوهان کانسواءِ ڪو بہ معاف ڪرڻ وارو ڪونهي. منهنجي گناهن کي بخش ۽ مون تي رحم فرما اوهان ڏاڍا بخشڻ واري ۽ رحم ڪرڻ وارا آهيو.

هزار ڏينهن جو اجر ڪمائڻ

(هي درود پڙهڻ واري لاءِ 70 ملائڪ هزار ڏينهن تائين ثواب لکندا رهندا)

جَزَى اللَّهُ عَنَّا مُحَمَّدًا بِمَا هُوَ أَهْلُهُ (المعجم الأوسط للطبراني، رقم الحديث: 235) (روايت ضعيف آهي)

يا الله! حضرت محمدﷺ ۽ ان جي آل کي اسان جي طرفان اهڙو اجر عطا فرما جنهنجا هو حقدار آهن.

ماءُ ۽ پيءُ جي وڏي عمر جي لاءِ دعا

اللّٰهُمّ بَارِكْ فِي أَعْمَارِ وَالِدَيّ وَارْزُقْهُمُ الصِّحّةَ وَالْعَافِيَةَ

يا الله! منهنجي والدين جي عمر ۾ برڪت عطا فرما ۽ صحت ۽ عافيت عطا فرما

والدين جي لاءِ دعا

رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيَانِي صَغِيرًا ﴿٢٤﴾ (الاسراءِ)

اي منهنجا پالڻهار! انهن (والدين) تي ايئن رحم فرما جيئن هنن منهنجي ننڍپڻ ۾ پالنا ڪئي

علم ۾ اضافي جي دعا

رَبِّ زِدْنِي عِلْمًا ﴿١١٤﴾ (سور طٰہ)

اي منهنجا پالڻهارٗ منهنجي علم اضافو فرما

ڳڻتي ۽ اداسي کان نڪرڻ جي دعا

اللّٰهُمّ أخرجنى مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ

يا الله! مون کي اونداهي مان ڪيڍي روشني ڏانهن آڻ

جڏهن ايمان گهٽجي تہ هي دعا ڪجي

اللّٰهُمّ املأ قلبى حُبك

يا الله! پنهنجي محبت سان منهنجي دل کي ڀري ڇڏ

الله جا نالا

١	اَللّٰهُ	الله جو ذاتي نالو	**لاعلاج مريض ”يا الله“ گهڻو ذڪري ۽ پوءِ دعا گهري. شفا نصيب ٿيندش**
٢	اَلرَّحْمٰنُ	سيني تي رحم ڪرڻ وارو	هر نماز ڪانپوءِ سئو ڀيرا پڙهڻ سان دل جي سختي دور ٿي ويندي
٣	اَلرَّحِيمُ	تمام گهڻو مهربان	هر نماز ڪانپوءِ سئو ڀيرا پڙهڻ سان سڀ انسان هن تي مهربان ٿي ويندا
٤	اَلْمَلِكُ	سچو بادشاه	فجر نماز ڪانپوءِ سئو ڀيرا پڙهن سان الله هن کي غني ڪري ڇڏيندو
٥	اَلْقُدُّوسُ	عيبن کان پاڪ ذات	روزانو شام جو پڙهن سان انسان جو دل هر برائي کان پاڪ ٿي ويندو
٦	اَلسَّلَامُ	ڪماليت ۽ سلامتي وارو ذات	مريض جي متي تي هٿ رکي سئو ڀيرا پڙهن سان الله تعالىٰ هن کي صحت عطا ڪندو.
٧	اَلْمُؤْمِنُ	ايمان ۽ امن ڏيڻ وارو	630 ڀيرا پڙهڻ سان هر شيءِ جي ڊپ بچي ويندو
٨	اَلْمُهَيْمِنُ	نگهبان ۽ سنڀال ڪندڙ	ٻہ رڪعتون نماز پڙهي پوءِ 115 ڀيرا پڙهن سان ڳجهيون ڳالهيون ظاهر ٿينديون
٩	اَلْعَزِيزُ	قادر مطلق، سيني تي غلبو رکندڙ	جيڪو فجر جي نماز ڪانپوءِ چاليهہ ڏينهہ 41 ڀيرا پڙهندو تہ هن محتاجي ختم ٿي ويندي.
١٠	اَلْجَبَّارُ	مجبور ڪندڙ ۽ بحال ڪندڙ، سيني کان زبردست	جيڪو صبح ۽ شام 226 ڀيرا پڙهندو ظالمن جي ظلم کان بچيل رهندو.
١١	اَلْمُتَكَبِّرُ	سيني کان شاندار ۽ برتر وڏائي ۽ بزرگي وارو	جيڪو هي پڙهندو رهندو، الله تعالىٰ ان جي عزت ۾ اضافو فرمائيندو.
١٢	اَلْخَٰلِقُ	خلقيندڙ ۽ جوڙيندڙ	جيڪو ہہ هميشہ هن کي پڙهندو رهندو تہ الله تعالىٰ هن جي هڪ فرشتو مقرر ڪندو جيڪو هن جي لاءِ دعا ڪندو رهندو.
١٣	اَلْبَارِئُ	باني، قائم ڪندڙ، ساهہ وجهڻ وارو	ڪا بي اولاد عورت 7 روزا رکي ۽ پاڻي سان روزو کولي پوءِ 21 ڀيرا ”الباري المصور“ پڙهي تہ ان شاء الله هن کي اولاد ٿيندو.
١٤	اَلْمُصَوِّرُ	چترڪار ، نقاش، صورت جوڙڻ وارو	هن جي خاصيت ہہ الباري واري آهي
١٥	اَلْغَفَّارُ	بخشڻهار، عيب ڍڪيندڙ	جمعي جي نماز ڪانپوءِ 100 ڀيرا پڙهڻ سان رزق ۾ برڪت ٿيندي.
١٦	اَلْقَهَّارُ	سڀ کي پنهنجي قابو ۾ رکڻ وارو	هن جو گهڻو ذڪر ڪرڻ سان دل ۾ الله جي محبت پيدا ٿيندي.
١٧	اَلْوَهَّابُ	هر شيءِ عطا ڪرڻ وارو	هي گهڻو پڙهڻ سان مسڪيني ختم ٿي ويندو

١٨	ٱلرَّزَّاقُ	رزق ڏيندڙ	هن ذکر جي ڪثرت سان مفلسي ختم ٿي ويندي
١٩	ٱلْفَتَّاحُ	مشڪلون حل ڪندڙ، مشڪل ڪشا	هن ذکر جي ڪثرت سان دل پاڪ صاف ٿيندو
٢٠	ٱلْعَلِيمُ	تمام گھڻي علم وارو	جنهن چيتو (ياد رکڻ جي صلاحيت) ڪمزور هجي. ان کي هي ذکر ڪرڻ گھرجي.
٢١	ٱلْقَابِضُ	روڪيندڙ، رزق گھٽائڻ وارو	جيڪو به 40 ڏينهن تائين روزانوماني جي 4 گرهن هي اسم مبارڪ پڙهي کائيندو ته هن بک، اڃ، زخم ۽ سور جي تڪليف نه ٿيندي
٢٢	ٱلْبَاسِطُ	رزق ۾ برڪت ڏيندڙ	جيڪو به چاشت جي نماز کانپوءِ 10 ڀيرا پڙهي پنهنجي منهن تي هٿ ڦيريندو الله تعالىٰ ان کي غني ڪري ڇڏيندو.
٢٣	ٱلْخَافِضُ	گھٽائيندڙ	هن صفت جي ذکر سان الله تعالىٰ رزق ۾ برڪت ڏيندو
٢٤	ٱلرَّافِعُ	بلند ڪرڻ وارو	جيڪو شخص هر مهيني 14 جي رات جو 100 ڀيرا هن جو ورد ڪندو. اهو ماڻهن کي بي نياز ٿي ويندو.
٢٥	ٱلْمُعِزُّ	عزت ڏيندڙ	سومر يا جمعي جي ڏينهن مغرب جي نماز کانپوءِ جيڪو 40 ڀيرا هي پڙهندو ته الله هن کي باعزت ڪري ڇڏيندو.
٢٦	ٱلْمُذِلُّ	ذلت ڏيندڙ	جيڪو به شخص سجدي ۾ 75 ڀيرا هي پڙهندو ته هر دشمن جي برائي بچي ويندو.
٢٧	ٱلسَّمِيعُ	سڀ ڪجھ ٻڌندڙ	جيڪو شخص جمعي جي رات 100 ڀيرا هي ذکر ڪندو ته الله تعالىٰ هن جي دعا قبول ڪندو.
٢٨	ٱلْبَصِيرُ	سڀ ڪجھ ڏسڻ وارو	جمعي جي ڏينهن هن جي ذکر سان الله تعالىٰ نور ۾ برڪت ڏيندو.
٢٩	ٱلْحَكَمُ	انصاف ڏياريندڙ، حاڪم مطلق	هن ذکر سان دلين کي الهام عطا ٿيندو آهي
٣٠	ٱلْعَدْلُ	بلڪل صحيح انصاف ڪندڙ	هن ذکر سان مخلوق فرمانبردار ٿي ويندي
٣١	ٱللَّطِيفُ	سيني کان وڌيڪ مهربان	هن ذکر سان مقصد پورو ٿيندو
٣٢	ٱلْخَبِيرُ	هر خبر يا ڄاڻ رکندڙ	هن ذکر جي گھڻائي نفس جي خواهشن کي ختم ڪندي
٣٣	ٱلْحَلِيمُ	سڀ کان وڌيڪ بردبار	هن جو ذکر هر شيءِ ۾ برڪت جو سبب ٿيندو آهي
٣٤	ٱلْعَظِيمُ	شاندار	هن جوذکر هر مرض کان محفوظ رکندو
٣٥	ٱلْغَفُورُ	تمام گھڻو معاف ڪندڙ	هن جي ذکر سان گناه بخش جي ويندا

٣٦	اَلشَّكُورُ	سڀ کان وڏيڪ قدرڪندڙ	جنهن کي جسم ۾ سور هجي ته هي پڙهي پاڻي تي دم ڪري پئي ته الله تعالىٰ شفا ڏيندو.
٣٧	اَلْعَلِيُّ	سيني کان وڏي مرتبي وارو	هن جو ذڪر انسان جي عزت کي وڌائيندو آهي
٣٨	اَلْكَبِيرُ	تمام عاليشان	هن جو ذڪر ماني دم ڪري ناراض زال مڙس کي ڪارائبو ته هن ۾ محبت پيدا ٿيندي
٣٩	اَلْحَفِيظُ	حفاظت ڪندڙ	يا حفيظ لکي پاڻ وٽ رکڻ سان انسان هر مصيبت کان محفوظ تي ويندو
٤٠	اَلْمُقِيتُ	رزق ۽ توانائي ڏيڻ وارو	جيڪو ماٺهو خالي وٺي ته هي پڙهي دم ڪري ۽ پوءِ ان ۾ پاڻي پري پئندو ته هو پنهنجو مقصد ماڻيندو
٤١	اَلْحَسِيبُ	سيني جي ڪفالت ڪندڙ	ڪنهن جو ڊپ هجي ته حَسبُنَا اللہ وَ نِعمَ الوَڪِيلُ جو ذڪرڻ سان ڊپ ۽ پريشاني ختم ٿي ويندي
٤٢	اَلْجَلِيلُ	شاندار شان وارو	هن ذڪر جي گهڻائي سان انسان جو مان ۽ مرتبو وڌندو
٤٣	اَلْكَرِيمُ	تمام گهڻو ڪرم ڪرڻ وارو	جيڪو رات جو سمهڻ وقت هن جو ذڪر ڪندو ته وڏي عزت ماڻيندو
٤٤	اَلرَّقِيبُ	تمام گهڻو خيال رکندڙ	جنهن عورت کي حمل ضايع ٿيڻ جو خطرو هجي هو پنهنجي پيٽ تي هٿ رکي 7 ڀيرا هي پڙهي ته انشاء الله بار ضايع نه ٿيندو.
٤٥	اَلْمُجِيبُ	دعائون ٻڌندڙ ۽ قبول ڪندڙ	هن جو ورد دعا جي قبوليت جو آهي
٤٦	اَلْوَاسِعُ	وڏي وسعت وارو	هن جو ذڪر انسان ۾ حوصلو پيدا ڪندو آهي
٤٧	اَلْحَكِيمُ	وڏين حڪمتن وارو	هن جي ذڪر سان ڏاهپ جي درواز کلندا آهن
٤٨	اَلْوَدُودُ	ڏاڍي محبت ڪندڙ	جيڪو روزانو 1000 ڀيرا هن ورد ڪندو ته هن کي الله تعالىٰ جي محبت نصيب ٿيندي.
٤٩	اَلْمَجِيدُ	مانوارو	ڪنهن به خراب مرض لاءِ مهيني جي 13،14،15 تاريخ جا روزا رکي ۽ افطار ڪانپوءِ هن اسم مبارڪ کي پڙهي پاڻي تي دم ڪري پئي.
٥٠	اَلْبَاعِثُ	مئلن کي جيئرو ڪندڙ	سمهڻ وقت هن جو ذڪرڻ سان دل ۾ حڪمت پيدا ٿيندي
٥١	اَلشَّهِيدُ	هر هنڌ موجود	جنهنجي گهر واري يا اولاد نافرمان هجي ته انهن جي پيشاني تي هٿ رکي 21 ڀيرا هن جو دم ڪبو ته انشاء الله هو فرمانبردار ٿي ويندا.
٥٢	اَلْحَقُّ	سچ تي قائم رهڻ وارو	جيڪو به هن جو ذڪر ڪندو ته ان جي گم ٿيل ملي ويندي
٥٣	اَلْوَكِيلُ	ذميندار ۽ هر ڪم کي ناهيندڙ	حَسبُنَا اللہ وَ نِعمَ الوَڪِيلُ جو ذڪرڻ سان ڊپ ۽ پريشاني ختم ٿي ويندي

٥۴	اَلْقَوِيُّ	وڏي طاقت ۽ سگهه وارو	ظلم کان بچڻ لاءِ هي ذکر ڪرڻ گهرجي
٥٥	اَلْمَتِينُ	ثابت قدم، بيحد قوت وارو	جنهن عورت کي کير نہ ايندو هجي تہ ان کي هي اسم مبارڪ پاڻي تي دم ڪري پيار جي
٥٦	اَلْوَلِيُّ	مددگار ۽ حمايتي	جيڪو ماڻهون پنهنجي گهر واري جي عادتن کان پريشان هجي تہ هن وٺ وجڻ وقت پڙهندو تہ انشاء الله گهر واري نيڪ ٿي ويندي
٥٧	اَلْحَمِيدُ	تعريف يا ساراهہ جي لائق	جيڪو ماڻهو لاڳيتو 45 ڏينهن روازنو93 پيرا هي پڙهندو تہ هن جون خراب عادتون ختم ٿي وينديون
٥٨	اَلْمُحْصِي	علم ۽ شمار ۾ رکندڙ	جيڪو بہ ماني جي 20 ٽڪرن تي 20 پيرا هي دم ڪري کائيندو تہ مخلوق هن جي تابع ٿي ويندي
٥٩	اَلْمُبْدِئُ	پهريون پيرو پيدا ڪندڙ	99 پيرا پيٽ (حمل) واري جي پيٽ تي هي دم ڪبو تہ هن جو حمل ضايع نہ ٿيندو
٦٠	اَلْمُعِيدُ	وري پيدا ڪندڙ	هن اسم جو ذکر ڪرڻ سان وسريل ڳالهيون ياد اچي وينديون
٦١	اَلْمُحْيِي	زندگي ڏيندڙ	بيمار تي 89 پيرا دم ڪبو تہ هو نيڪ ٿي ويندو
٦٢	اَلْمُمِيتُ	موت ڏيندڙ	نفس قابو ڪرڻ لاءِ سيني تي هٿ رکي هن جو دم ڪجي
٦٣	اَلْحَيُّ	هميشہ هميشہ زندہ رهندڙ	هن اسم مبارڪ کي پاڻي تي دم ڪري مرضي کي پيياربو تہ هو صحتياب ٿي ويندو.
٦۴	اَلْقَيُّومُ	سيني قائم رکڻ وارو ۽ سيني کي سنڀاليندڙ	جيڪو هن جو گهڻو ذکر ڪندو الله تعالىٰ ماڻهن ۾ هن جي عزت ۾ اضافو فرمائيندو
٦٥	اَلْوَاجِدُ	سمجهڻ وارو، هر شيءِ کي حاصل ڪرڻ وارو	جيڪو ماني کائڻ وقت هي ذکر ڪندو، اها ماني هن جي دل کي طاقت ڏيندي
٦٦	اَلْمَاجِدُ	عظمت ۽ وڏائي وارو	هن جي ذکر سان دل روشن ٿيندو
٦٧	اَلْوَاحِدُ	هڪ ۽ نه ورهائجندڙ	جيڪو الواحد الاحد 1000 پيرا پڙهندو هن جي دل مان مخلوق جو خوف ختم ٿي ويندو.
٦٨	اَلْأَحَدُ	يگانو، اڪيلو سيني مختلف	بي اولاد الواحد الاحد جو ذکر ڪندا تہ الله تعالىٰ هنن کي اولاد عطا ڪندو
٦٩	اَلصَّمَدُ	بي نياز ۽ (بين جون ضرورتون پوريون ڪندڙ	هن جو ذکر ڪرڻ انسان مخلوق جي محتاجي کان بچي ويندو.
٧٠	اَلْقَادِرُ	قادر مطلق	41 پيرا هن جو ذڪرڻ سان مشڪل ختم ٿي ويندي
٧١	اَلْمُقْتَدِرُ	قدرت رکندڙ، طاقتور	صبح جو اٿڻ وقت 20 پيرا هن جو ذڪرڻ سان سڀ ڪم آسان ٿي ويندا
٧٢	اَلْمُقَدِّمُ	مددگار ۽ ترقي ڏيارڻ وارو	جيڪو هن جو هر وقت ذکر ڪندو الله تعالىٰ هن کي پنهنجو فرمانبردار ڪندو.

٧٣	اَلْمُؤَخِّرُ	پوئتي رکندڙ	جيڪو هن جو ذڪر ڪندو الله تعالىٰ هن کي سچي توبہ نصيب ڪندو.
٧٤	اَلْأَوَّلُ	سڀني کان اڳ	جنهن کي نر اولاد خواهش هجي هو هن جو تمام گهڻو ذڪر ڪري
٧٥	اَلْآخِرُ	سڀني کان ڪانپوءِ	هن جو ذڪر ڪرڻ سان خير تي خاتمو ٿيندو
٧٦	اَلظَّٰهِرُ	پڌرو ۽ ظاهر	هن جو 500 ڀيرا اشراق جي نماز ڪانپوءِ ذڪر ڪرڻ سان اکين جي نور ۾ اضافو ٿيندو.
٧٧	اَلْبَاطِنُ	لڪل	روزانو 33 ڀيرا پڙهن سان ڳجهيون ڳالهيون ظاهر ٿينديون
٧٨	اَلْوَالِي	سرپرست، نگهبان ۽ ڌڻي	هن جو ڪثرت سان ذڪر اوچتو ايندڙ مصيبن کان بچاءُ آهي
٧٩	اَلْمُتَعَالِي	سڀني بلند ۽ تمام اُتاهون	جيڪا عورت حيض ۾ هن جو ذڪر ڪندي ان کي حيض جي تڪليف محسوس نہ ٿيندي
٨٠	اَلْبَرُّ	سڀني سان سنو ورتاءُ ڪندڙ	جيڪو انسان دنياوي برائين کان بچڻ چاهي اهو هن جو ذڪر ڪري.
٨١	اَلتَّوَابُ	تمام گهڻي توبہ قبول ڪندڙ	ظالم جي ظلم کان بچڻ هن جو ذڪر ڪرڻ گهرجي
٨٢	اَلْمُنْتَقِمُ	بدلو وٺندڙ	جيڪو ماڻهو حق تي هجي ۽ بدلي وٺڻ جي طاقت نہ هجيس تہ هن جو ذڪر. الله تعالىٰ هن جو بدلو پاڻهي وٺندو.
٨٣	اَلْعَفُوُّ	تمام گهڻو معاف ڪندڙ	جيڪو هن جو گهڻو ذڪر ڪندو الله تعالىٰ هن معاف ڪري ڇڏيندو
٨٤	اَلرَّؤُوفُ	تمام گهڻو مهربان	ڪاوڙ وقت هن جي ذڪر سان ڪاوڙ ختم ٿي ويندي
٨٥	مَالِكُ ٱلْمُلْكِ	ملڪن جو مالڪ	جيڪو مالڪ الملڪ جو ذڪر ڪندو اهو ڪنهنجو بہ محتاج نہ رهندو
٨٦	ذُو ٱلْجَلَالِ وَٱلْإِكْرَامِ	واکاڻ ۽ عزت ڪندڙ/ رکندڙ	هن جو ذڪر انسان کي مخلوق ۾ عزت ڏياريندو
٨٧	اَلْمُقْسِطُ	انصاف ڪندڙ	هن جو ذڪر شيطاني خيالن کان بچائيندو
٨٨	اَلْجَامِعُ	سڀني گڏ ڪندڙ	جنهنجا مائٽ الڳ الڳ هجن هن سان ذڪر سان سڀ گڏ ٿي ويندا
٨٩	اَلْغَنِيُّ	پاڻ پرو، وڏو بي نياز	هن جو ذڪر مال برڪت عطا ڪندو.
٩٠	اَلْمُغْنِيُ	بي نياز ۽ مالدار ڪندڙ	هن جو ذڪر انسان کي باطني مالدار ڪري ڇڏيندو

٩١	اَلْمَانِعُ	روڪيندڙ	هن جو گھڻو ذڪ ڪرڻ سان انسان هر برائي کان بچي ويندو
٩٢	اَلضَّارُّ	تڪليف ڏيندڙ	جيڪو بہ جمعي رات 100 ڀيرا هي پڙهندو اهو ظاهري ۽ ڳجھين مصيبتن کان بچي ويندو.
٩٣	اَلنَّافِعُ	فائدو ڏيندڙ	هر ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ 41 هي پڙهڻ سان اهو ڪم هن جي مرضي مطابق پورو ٿيندو
٩٤	اَلْنُورُ	نور عطا ڪندڙ	هن جو گھڻو ذڪر انسان جي دل ۾ نور پيدا ڪندو
٩٥	اَلْهَادِي	هدايت ڏيندڙ	جيڪو ماڻهو آسمان ڏانهن منهن ڪري هن جو ذڪر ڪندو تہ هن کي هداتي نصيب ٿيندي
٩٦	اَلْبَدِيعُ	بي مثال شين کي وجود ۾ آڻيندڙ	جيڪو بہ جنهن ڪم لاءِ 100 ڀيرا يَا بَدِيعَ الْعَجَائِبِ بِالْخَيْرِ يَا بَدِيعُ جو ذڪر ڪندو. هن جو اهو ڪم ضرور پورو ٿيندو.
٩٧	اَلْبَاقِي	هميشہ هميشہ باقي رهندڙ	هر جمع تي هن جو ذڪر هر نقصان کان بچائيندو
٩٨	اَلْوَارِثُ	سيني ڪانپوءِ موجود رهندڙ	هن جو ذڪر هر غم ۽ پريشاني کي ختم ڪندڙ آهي
٩٩	اَلرَّشِيدُ	سڌو رستو ڏيکاريندڙ	هن جو ذڪر ڪاروبار ۾ ترقي عطا ڪندو
١٠٠	اَلصَّبُورُ	صبر ۽ سهپ وارو	هن جو ذڪر حاسدن جي زبانن کي بند ڪري ڇڏيندو